ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 13 جولاءِ 2026ع 27 محرم الحرام 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 ويهه شمارو (327)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Monday 13th July 2026

”مرسُون مرسُون، سنڌُو نہ ڏيسُون“ پارٽي آبي دهشتگردي خلاف سڄي سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جا مظاهرا، ڌرڻا

پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اپيل تي سنڌ طاس معاهدي جي معطلي، سنڌو درياءَ تي آبي جارحيت ۽ سنڌ جي پاڻي امڪاني حملن خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڪراچي، حيدرآباد ، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو محمد خان، بدين، جيڪب آباد ،لاڙڪاڻو ٺٽو چارڪر، شڪارپور، ٺٽو ڄامشورو، دادو ،ميرپورخاص، مٽياري، نوابشاهه، نوشهرو فيروز ۽ ٻين ضلعن ۾ احتجاج

مختلف ضلعن ۾ پارٽي اڳواڻن، چونڊيل نمائندن، ڪارڪنن، عورتن، نوجوانن، وڪيلن، سول سوسائٽي ۽ شهرين وڏي انگ مظاهرن ۾ شرڪت ڪئي، پارٽي جارحيت خلاف نعريبازي

مظاهرن ۽ ريلين ۾ شريڪ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پارران سنڌو درياهه جي تحفظ سنڌ طاس معاهدي تي عملدرآمد ۽ سنڌ جي آبي حقن جي دفاع لاءِ پنهنجي عزم جو اظهار

سنڌو درياءَ سنڌ جي معيشت، زراعت ۽ عوام جي زندگي جي ضمانت آهي پاڻي تي ڪابہ جارحيت قبول نہ ڪبي، سنڌ طاس معاهدي جي مڪمل پاسداري ڪي يقيني بڻايو وڃي: اڳواڻ

حيدرآباد (نمائندن وٽان) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اپيل تي ڀارت پاران سنڌ طاس معاهدي جي معطلي سنڌو درياهه تي آبي جارحيت ۽ سنڌ جي آبي حقن تي امڪاني حملن خلاف سڄي سنڌ ۾ ”مرسُون مرسُون سنڌُو نہ ڏيسُون“ جي عنوان هيٺ احتجاجي ريلين، مارچ ۽ ڌرڻن جو سلسلو جاري رهيو ڪراچي حيدرآباد ، ٽنڊو الهيار ٽنڊو محمد خان بدين جيڪب آباد ،لاڙڪاڻو ٿرپارڪر، شڪارپور، ٺٽو ڄامشورو، دادو ،ميرپورخاص، مٽياري، نوابشاهه، نوشهرو فيروز ۽ ٻين ضلعن ۾ احتجاج ڪيو ويو مختلف ضلعن ۾ پارٽي اڳواڻن، چونڊيل نمائندن ڪارڪنن، عورتن، نوجوانن، وڪيلن، سول سوسائٽي ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

نيلم جهلم هائيڊرو پاور ڪمپني 29.41 ارب رپين کان وڌيڪ جي نقصان جو انڪشاف

اسلا آباد (م د) آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي تہ نيلم بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ تي ڳڻتي ظاهر ۽ ڌرين اسلام آباد معاهدي تي عمل ڪن: پرڏيهي ترجمان

آمريڪا ۽ ايران تڪرار سان لاڳاپيل سيني ڌرين تي صبر کان ڪم وٺڻ ۽ صورتحال کي گهٽائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ گهرجن، تازين پيش رفتن تي ويجهي نظر رکي رهيا آهيون

خطي جي سيني پاڙ ملڪن جي خودمختياري ۽ علائقائي سالميت لاءِ پنهنجي غير متزلزل حمايت جو ورجاءُ ڪندي صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ کان روڪڻ جي اپيل ڪريون ٿا

پاڪستان خطي ۾ مستقل امن ۽ استحڪام جي قيام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي هر ممڪن تعاون فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، ڌرين کي پنهنجي واعدن تي عمل ڪرڻ گهرجي

تڪرار جي حل ۽ خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي قيام لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري ئي واحد اثرائتو رستو آهي، پاڪستان پنهنجو تعميري ڪردار جاري رکندو: اسحاق ڊار

نائب وزيراعظم ۽ ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ۽ ٻنهي اڳواڻن خطي جي بدلجندڙ صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون

پرڏيهي وزير سان پاڪستان ۾ سعودي عرب جي سفير پڻ ملاقات ڪئي، تڪرارن جي حل لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

اسلام آباد (م د) پاڪستان پاران خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ تي ڳهري ڳڻتي ظاهر ۽ سيني ڌرين کي صبر کان ڪم وٺڻ جي اپيل ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ پرڏيهي آفيس جي ترجمان هڪ بيان ۾ چيو آهي تہ پاڪستان سيني لاڳاپيل ڌرين تي صبر کان ڪم وٺڻ ۽ صورتحال کي گهٽائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻ جي اپيل ڪئي آهي. هن چيو تہ ڌرين کي اسلام آباد بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ساهيوال: وفاقي وزير سيد عمران احمد شاهه ترقياتي اسڪيم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

صدر ۽ وزيراعظم پاران قطر جي اڳوڻي امير شيخ حمد بن خليفہ آل ثاني جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ عورتن کي بااختيار بڻائڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: اعظم نذير تارڙ

عورتون سياست، پارليامينٽ، عدليہ، تعليم، ڪاروبار ۽ ٻين شعبن ۾ اهم ڪردار ادا ڪن پيون

آذربائيجان ۾ او آءِ سي ليبر سينٽر جي ايڊمنسٽريٽر سربراهه جليل الله ورديوفا سان ملاقات دوران ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي تہ عورتن کي بااختيار بڻائڻ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ سان ايران، شام ۽ يمن مان آيل وفدن جون سربراهه ملاقات ڪري رهيون آهن

اسلام آباد ۾ او آءِ سي عورتن واري وزارتي ڪانفرنس شروع، 57 ميمبر رياستن جا نمائندا شريڪ

او آءِ سي ملڪن ۾ عورتن جي سماجي، معاشي ۽ سياسي بااختيار سازي، چئلينجز ۽ جي موضوع تي تقريب ٿي

عورتن جي سماجي، معاشي ۽ سياسي شرڪت کي وڌائڻ ۽ ميمبر ملڪن وچ ۾ تعاون مضبوط تي غور ويچار

وزيراعظم شهباز شريف اڄ وزارتي سيشن جو افتتاح ڪندو، ڪانفرنس ۾ ڪيترائي اعليٰ پاڪستاني اڳواڻ خطاب ڪندا

اسلام آباد (اي پي پي) اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي ٽائين عورتن واري وزارتي ڪانفرنس آچر کان اسلام آباد ۾ فني سطح جي اجلاسن سان گڏ شروع ٿي، ان ٻن ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ اٽڪل 190 نمائندا شريڪ آهن جن ۾ وزير اعليٰ حڪومتي آفيسر ۽ او آءِ سي جي 57 ميمبر ملڪن جا نمائنده شامل آهن بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جمون ڪشمير جي تڪرار جي پرامن حل تي آهي: وزيراعظم

پاڪستان ڪشمير عوام جي تبديل نہ ٿيندڙ حق خودارادايت واري جدوجهد ۾ ساڻن گڏ بيٺل آهي

يوم شهداءِ ڪشمير، جمون ڪشمير جي عوام جي عزم، جرئت ۽ پختي استقامت جي علامت بہ آهي

ڪشمير مسئلي جو حل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن موجب ئي ممڪن آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف يوم شهداءِ ڪشمير جي موقعي تي جمون ڪشمير جي عوام جي عزم، جرئت ۽ پختي استقامت جي علامت قرار ڏيندي چيو آهي تہ والارپل جمون ڪشمير جو عوام پنهنجي جائز حقن ۽ امنگن جي حاصلات لاءِ ثابت قدمي سان جدوجهد جاري رکيو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪ فوج، ايف سي ۽ بلوچستان پوليس جي مهارت ۽ جرئت تي قوم کي فخر آهي: حنيف عباسي

بهادر سيڪيورٽي فورسز خوارج خلاف اثرائتين ڪاررواين سان دشمن کي وڏو نقصان پهچايو آهي

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين پوري قوم پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪشميرين جي منصفاڻي موقف ۽ جائز جدوجهد جي پختي حمايت جاري رکنداسين: صدر آصف زرداري

1931ع ۾ ڊوگره فوج جي ڦيل فائرنگ ۾ شهادت ماڻيندڙ 22 ڪشميرين کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا

افسوسناڪ ڳالهہ آهي تہ اڄ بہ ڪشميري عوام ڀارت جي غيرقانوني قبضي خلاف جدوجهد ڪري پيو

جمون ڪشمير ۾ ڏاڍ ۽ بربريت فوري طور تي بند ڪري، انساني حقن جي ڀڃڪڙيون ختم ڪيون وڃن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو آهي تہ هو يوم شهداءِ ڪشمير تي 1931ع ۾ ڊوگره فوج جي فائرنگ کي منهن ڏيندي شهادت ماڻيندڙ 22 ڪشميري شهيدن کي خراج بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وينزويلا ۾ زلزلن سبب فوتين جو انگ وڌي 4 هزار 333 ٿي ويو آهي: قومي اسيمبلي جو صدر

24 جون تي ملڪ ۾ آيل 2 شديد زلزلن سبب زخمين جو انگ اٽڪل 16 هزار 740 آهي: جارج روڊريگوز

گڏيل قومن امدادي ڪاررواين لاءِ اڪ پڪ 300 ملين ڊالر فراهم ڪرڻ جي هنگامي اپيل پڻ ڪئي

ڪراڪس (اي پي پي) وينزويلا ۾ گذريل مهيني آيل تباهہ ڪن زلزلن سبب فوتگيون 4 هزار 333 ٿي ويون آهن اها ڳالهہ وينزويلا جي قومي اسيمبلي جي صدر جارج روڊريگوز جيڪو وينزويلا جي عبوري صدر بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ پيپلز پارٽي جي ”مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون“ پارٽي آبي جارحيت خلاف احتجاجي ريلي

پيپلز سيڪريٽريٽ کان پريس ڪلب تائين نڪتل ريلي ۾ ڪارڪنن ۽ عورتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

سنڌو درياهه جو پاڻي روڪڻ پاڪستان جي مستقبل تي حملو آهي، هر سازش جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو: نثار کهڙو

پيپلز پارٽي قيادت سنڌ طاس معاهدي تي عملدرآمد ۽ ملڪ جي پاڻي، سالميت ۽ سنڌ جي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکندي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد پاران پارٽي آبي جارحيت خلاف مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون، جي عنوان هيٺ ڪالهہ حيدرآباد ۾ پيپلز سيڪريٽريٽ کان حيدرآباد پريس بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ايران جي حڪومت غلط چونڊ ڪئي، هاڻي ڪيس حساب ڏيڻو پوندو: آمريڪي دفاع وارو وزير

آمريڪي فوج فضائي حملن جي ٽئين مرحلي ۾ ايان جي 140 عسڪري هدفن کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ

هن هفتي دوران ٽن ڪاررواين ۾ نشانو بڻايل ايراني هدفن جو انگ 300 کان وڌي ويو آهي: پيٽ هيگسيٿ

پاسداران انقلاب پاران قطر ۾ آمريڪي اڏي ۽ عمان بندرگاهه ۾ آمريڪي جهاز بردار جهازن تي حملن جو اعلان

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي دفاع واري وزير پيٽ هيگسيٿ چيو آهي تہ ايراني حڪومت غلط چونڊ ڪئي آهي ۽ هاڻي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪشميري شهيدن جانين جو نذرانو ڏئي تاريخ ۾ ناقابل فراموش باب رقم ڪيو آهي: اياز صادق

يوم شهداءِ ڪشمير جي موقعي تي ڪشميري شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا

پاڪستان جي پارليامينٽ ڪشميري عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران فٽبال ورلڊ ڪپ جي موقعي تي وڏيون اسڪرينون لڳائڻ جو فيصلو

مختلف ڊويزنن ۽ ضلعن ۾ ميچ ڏسندڙ شوقينن لاءِ وڏيون اسڪرينون لڳايون وينديون: محمد بخش مهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري جي سڏ تي نڪتل ”مرسون مرسون سنڌو نہ ڏيسون“ ريلي کي نثار کهڙو ۽ عاجز ڌامراهه خطاب ڪري رهيا آهن (فوٽو: اختر پيرزادو)

او آءِ سي وزارتي ڪانفرنس عورتن لاءِ اميد جو مضبوط پيغام آهي: شامي وزير

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس مسلم دنيا جي عورتن جي اتحاد جي عڪاسي ڪئي آهي

پنهنجا گڏيل هدف حاصل ڪرڻ لاءِ گڏجي اثرائتي انداز ۾ ڪم ڪري سگهون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) شام جي سماجي معاملن واري وزير هند ڪباوت عورتن سان لاڳاپيل اسلامي تعاون تنظيم جي ٽائين وزارتي ڪانفرنس ۾ پنهنجي شرڪت کي هڪ اهم سنگ ميل قرار ڏيندي چيو آهي، بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ٽن سالن اندر ٻاهر وڃڻ جي خواهشمند 74 هزار ماڻهن کي آف لوڊ ڪيو ويو: انڪشاف

مختلف ايجنسين ۽ ادارن پاران 34,000 ماڻهن کي آف لوڊ ڪيو ويو

40 ماڻهن کي ڪسٽم، اي اين ايف يا اي ايس ايف پاران آف لوڊ ڪيو ويو

258 ماڻهن کي نابالغ جي بنياد تي آف لوڊ ڪيو ويو ۽ 24 ماڻهن کي جيڪي وزٽ ويزا تي نوڪري جي ڳولا ۾ وڃي رهيا هئا

اسلام آباد (م د) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي)، مختلف ادارن ۽ ادارن 3 سالن ۾ پرڏيهه وڃڻ جي خواهشمند 74,474 ماڻهن کي آف لوڊ ڪيو دستاويز موجب، ايف آءِ اي پاران 39,786 ماڻهن کي آف لوڊ ڪيو ويو جڏهن ته مختلف ايجنسين ۽ ادارن پاران 34,000 ماڻهن کي آف لوڊ ڪيو ويو، دستاويز ۾ چيو ويو آهي ته مختلف ايئر لائنز پاران 30,021 ماڻهن کي آف لوڊ ڪيو ويو 3,617 ماڻهن کي ڪنهن سبب جي ڪري آف لوڊ ڪيو ويو 40 ماڻهن کي ڪسٽم اي اين ايف يا اي ايس ايف پاران آف لوڊ ڪيو ويو 39,786 شهرين کي مختلف ايئرپورٽن تان آف لوڊ ڪيو ويو ايف آءِ اي دستاويز ۾ چيو ويو آهي ته 20,408 ماڻهن کي ضروري دستاويز نه هجڻ جي ڪري آف لوڊ ڪيو ويو 12,673 ماڻهن کي گهٽ پروفائل مشڪوڪ سفري منصوبن جي ڪري آف لوڊ ڪيو ويو 3,450 ماڻهن کي اسٽاپ لسٽ تي هجڻ جي ڪري آف لوڊ ڪيو ويو ايف آءِ اي جي دستاويز موجب، غلط 505 ماڻهن کي سفري روٽ جي ڪري آف لوڊ ڪيو ويو مختلف ايئرپورٽن تان 281 ماڻهن کي جعلي دستاويزن جي ڪري ۽ 176 ماڻهن کي غير تسلي بخش سفري تاريخ جي بنياد تي آف لوڊ ڪيو ويو ايف آءِ اي جي دستاويز ۾ چيو ويو آهي ته دستاويزن جي تصديق لاءِ 145 ماڻهن کي آف لوڊ ڪيو ويو 258 ماڻهن کي نابالغ جي بنياد تي آف لوڊ ڪيو ويو ۽ 24 ماڻهن کي جيڪي وزٽ ويزا تي نوڪري جي ڳولا ۾ وڃي رهيا هئا.

غيرقانوني افغان شهرين کي ڏنل ڊيڊ لائن ختم، ڪارروائين جو نئون سلسلو شروع

پاڪستان ۾ رهندڙ افغان شهرين کي ڏنل مهلت ختم ٿيڻ کان پوءِ وفاقي حڪومت ڪارروائين ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو

بنا ويزا پاڪستان ۾ ترسيل هر افغان شهري کي فوري طور تي گرفتار ڪري ملڪ بدر ڪيو ويندو

غيرقانوني افغان شهرين کي پناهه ڏيڻ يا ڀاڙي تي رهائش فراهم ڪندڙن جي خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

اسلام آباد (م د) غيرقانوني افغان شهرين جي خلاف ڪارروائين جو نئون مرحلو شروع ٿي ويو ڊيڊ لائن ختم ٿيڻ کانپوءِ گرفتاريون، ملڪ بدري ۽ سهولتڪارن جي خلاف به سخت ايڪشن ڪيو ويندو. پاڪستان ۾ رهندڙ افغان شهرين کي ڏنل مهلت ختم ٿيڻ کان پوءِ وفاقي حڪومت ڪارروائين ۾ وڌيڪ تيزي آڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو ذريعن موجب بنا ويزا پاڪستان ۾ ترسيل هر افغان شهري کي فوري طور تي گرفتار ڪري ملڪ بدر ڪيو ويندو، جڏهن ته غيرقانوني افغان شهرين کي پناهه ڏيڻ يا ڀاڙي تي رهائش فراهم ڪندڙن جي خلاف به قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، راولپنڊي سميت پنجاب ۾ افغان شهرين جي جيو ٽيگنگ ۽ جيو فينسنگ جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنرز کي هدايت ڏني وئي آهي ته هن ڊيٽا جي مدد سان گرفتاريون تيز ڪيون وڃن. ذريعن موجب وفاقي گهرو وزارت کي روزاني جي بنياد تي ڪارروائين جي رپورٽ اماڻي ويندي جنهن ۾ گرفتار ڪيل بنا ويزا جي افغان شهرين جو تعداد، جاري ڪارروائين جا تفصيل ۽ گرفتار ٿيل ماڻهن جي موجوده صورتحال شامل هوندي. وفاقي گهرو وزارت انهي حوالي سان 28 جون تي گلگت بلتستان آزاد ڪشمير ۽ سمورن صوبن ڏانهن نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيا هئا.

واعدن تي پورا لهو يا نتيجا ڀوڳيو: باقر قاليباف

هڪ طرفي معاهدن جو دور ختم ٿي چڪو آهي

يا ته پنهنجي واعدن تي قائم رهو يا پوءِ ان جي قيمت ادا ڪريو

هاڻي حقيقتن کي منهن ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي

اسلامي جمهوريه ايران ۽ ٻاهرين جهازن جي محفوظ گذر بابت ان تڪرار ڪندو

يورپ ۾ گرمي جي ڪري، جهنگلن کي باهه، هزارين ماڻهو محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل

هزارين ماڻهن کي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ڪيو ويو

ڏکڻ فرانس جي ٻيلن ۾ لڳل باهه وڌي ايراضي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي چڪي آهي: برطانوي

هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ الرٽ جاري ڪيو ويو آهي

يورپ ۾ گرمي پد 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي

بنگلاديش ۾ ڪيترن ڏينهن کان برسات ۽ ٻوڏ سبب 44 ماڻهو فوت

فلسطين جي حمايت ڪرڻ تي ماستريائي کي برطرف ڪيو ويو

عورت ٽيچر، فاطمه ڪارڊيچ، مسلمان آهي: ترڪ ميڊيا

مسلمان آهي ۽ بوسنيا ۾ نسل ڪشي مان بچيل ماڻهن ۾ شامل آهي

عورت ٽيچر خلاف فيصلو سنڌس سوشل ميڊيا پوسٽن جي ڪري ڪيو ويو آهي

ايل بي جي اڻاسوري جي نمائندن مسئلا حل نه ٿيڻ تي سموري ملڪ ۾ احتجاج جي ڌمڪي

سموري ملڪ ۾ احتجاج ۽ ڪاروبار بند ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي ڇڏي

ايل پي جي کي ٻاهران ۽ صنعتي سارين جي ضرورت پيش پئجي رهي آهي: نعمان

بقايا 1 روزاني عبرت

بقايا 2 روزاني عبرت

بقايا 3 روزاني عبرت

بقايا 4 روزاني عبرت

بقايا 5 روزاني عبرت

بقايا 26 روزاني عبرت

عقيدت پيش ڪري ٿو يوم شهداءِ ڪشمير تي ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري پيغام ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو ته هن ڏينهن پاڪستان جي عوام پنهنجي ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏجي 1931ع جي شهيدن جي عظيم قرباني کي ياد ڪري ٿي هن چيو ته افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته ڪشميري عوام هاڻي به ڀارت جي غيرقانوني قبضي خلاف جدوجهد ڪري رهيو آهي اڄ به 9 لک کان وڌيڪ ڀارتي قابض فوج جمون ڪشمير تي پنهنجي ناجائز قبضي کي برقرار رکڻ جي لاءِ ڪشميري عوام کي يرغمال بڻائي رکيو آهي صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو ته 5 آگسٽ 2019ع جي ڀارت جي غيرقانوني ۽ هڪ طرفي قدمن ڪشميري عوام جي منفرد سڃاڻپ مٽائڻ ۽ کين پنهنجي ئي ڌرتي تي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي هڪ ٻي ڪوشش هئي انهن قدمن کان پوءِ ڪشميري عوام جي جذبن کي مجروح ڪندي ڀارت يوم شهداءِ ڪشمير جي سرڪاري موڪل جيڪا 1948ع کان هر سال ملهائي ويندي هئي ان کي ختم ڪري ڇڏيو

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
سومر 13 جولاءِ 2026ع



وچ اوڀر جو بحران: خامنائي جي پلاند جا پڙاڏا ۽ ٽرمپ جي "وصيت"

مجيب ناريجو

وچ اوڀر ۾ پيدا ٿيل عارضي سڪون ڪيترو نازڪ هو، ان جو اندازو گذريل ڪجهه ڏينهن جي واقعن مان آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. آيت الله علي خامنائي جي آخري رسمن دوران ظاهر ٿيل جذباتي لهر، هرمز لنگهه ۾ وڌندڙ فوجي ڇڪتاڻ ۽ ڊونلڊ ٽرمپ جي "وصيت" واري سخت بيان گڏجي سڄي خطي کي هڪ ڀيرو ٻيهر شديد غيريقيني صورتحال جي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

هي بحران رڳو ٻن ملڪن جي تڪرار تائين محدود ناهي. ان جي هر لهر تيل جي عالمي منڊي، سامونڊي واپار، علائقائي سلامتي ۽ عالمي سفارتڪاري تائين پهچي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو گذريل هڪ هفتي جا واقعا الڳ الڳ خبرون نه، پر هڪ اهڙي زنجير جون ڪڙيون آهن، جن کي گڏ ڏسڻ سان ئي اصل تصوير سامهون اچي ٿي.

چند هفتا اڳ جڏهن جنگبندي ۽ اسلام آباد ۾ ٿيل مفاهمتي انتظام جو ذڪر سامهون آيو ته ڏهن اميد پيدا ٿي هئي ته شايد واشنگٽن ۽ تهران وچ ۾ سڌي فوجي ڇڪتاڻ جو خطرو ڪجهه وقت لاءِ گهٽجي ويو آهي. پر اهو سڪون عارضي ثابت ٿيو. اختلاف جو مرڪز هڪ ڀيرو ٻيهر سامونڊي لنگهه هرمز بڻجي ويو، جيڪو دنيا جي توانائي جي فراهميءَ لاءِ سڀ کان اهم سامونڊي لنگهن مان هڪ آهي. جيڪو روزاني لکين بيرل خام تيل ۽ وڏي مقدار ۾ مائع قدرتي گيس جي گذرڻ جو ذريعو آهي. تنهن ڪري هتي پيدا ٿيندڙ هر بحران جا اثر عالمي معيشت تائين پهچن ٿا.

ايران جو موقف آهي ته مفاهمتي انتظام تحت هرمز جي سلامتي ۽ نگرانيءَ ۾ سندس ڪردار واضح ڪيو ويو هو جڏهن ته آمريڪا جو چوڻ آهي ته بين الاقوامي سامونڊي واپار کي ڪنهن به صورت ۾ دٻاءَ جو اوزار بڻائڻ قبول نه ڪيو ويندو. ٻنهي ڌرين جا موقف هڪ ٻئي کان مختلف آهن. ۽ هر ڌر ٻي تي ان پيچڪڙيءَ جو الزام هڻي ٿي. اهڙو اختلاف ٻيهر سفارتي ڪوشش سان نبيرڻ بدران هڪدم سخت بيانن ۽ حملن جي صورت اختيار ڪرڻ لڳو.

واشنگٽن اعلان ڪيو ته هن ايران جي اندر مخصوص فوجي هدفن کي نشانو بڻايو آهي، جڏهن ته ان کي بين الاقوامي واپاري رستن جي تحفظ لاءِ ضروري قدم قرار ڏنو ويو. ان جي ابتڙ تهران آمريڪي ڪارروايون کي مفاهمتي انتظام جي پيچڪڙي قرار ڏيندي چيو ته ايران رڳو دفاعي نوعيت جا قدم کڻي رهيو آهي. ۽ جيڪڏهن فوجي يا معاشي دٻاءُ جاري رهيو ته هو پنهنجي قومي مفادن جي تحفظ لاءِ وڌيڪ جواب ڏيڻ جو حق محفوظ رکي ٿو. ٻنهي ڌرين جا سرڪاري بيان پنهنجي پنهنجي موقف جي حمايت ڪن ٿا. پر گذريل ڪجهه ڏينهن جي واقعن هڪ ڳالهه ضرور واضح ڪري ڇڏي آهي ته آمريڪا ۽ ايران هاڻي اهڙي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن، جتي محدود فوجي طاقت جو استعمال به سفارتي حڪمت عمليءَ جو حصو بڻجي ويو آهي.

انهن واقعن کان پوءِ اسرائيل پڻ انٽيليجنس رپورٽن جي نالي تي صدر ٽرمپ جا ڪن ڀريا ته سندس زندگي خطري ۾ آهي. ايران ڪيس قتل ڪرڻ لاءِ عملي منصوبو جوڙي ورتو آهي. انهن رپورٽن جي آزاد تصديق مڪمل طور تي سامهون نه اچي سگهي، ۽ ڪجهه آمريڪي عملدارن به انهن کي فوري خطرو قرار ڏيڻ کان پاسو ڪيو. پر ان باوجود ٽرمپ جو ردعمل غيرمعمولي طور تي سخت هو. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مٿس قاتلاڻو حملو ٿيو ته آمريڪا جو فوجي جواب انتهائي شديد هوندو.

اهڙن بيانن بحران کي رڳو فوجي نه، پر نفسياتي جنگ جي نئين مرحلي ۾ داخل ڪري ڇڏيو. جديد دور ۾ بيان، ڌمڪيون ۽ فوجي تيارين جا اعلان ڪيترائي ڀيرا ميزائلن کان اڳتي وڏي سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ٿين ٿا. هر بيان صرف مخالف ملڪ لاءِ ناهي هوندو، پر اهو پنهنجي عوام، اتحادين ۽ عالمي برادري لاءِ به هوندو آهي. واشنگٽن پنهنجي عزم جو اظهار ڪري رهيو هو، جڏهن ته تهران به اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته هو دٻاءَ هيٺ پنهنجي پاليسي تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

ان دوران ايران اندر به اهڙيون اڳيرايون ٿيون، جن هن بحران کي وڌيڪ گهرو سياسي ۽ سماجي پسمنظر ڏئي ڇڏيو. آيت الله علي خامنائي جي تدفين رڳو هڪ مذهبي تقريب نه رهي، پر اها قومي اتحاد ۽ مزاحمت جي علامت بڻجي سامهون آئي. جنازي ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن جي شرڪت، رياستي قيادت جي موجودگي ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سامهون آيل جذباتي نعرا اهو ظاهر ڪري رهيا هئا ته تهران موجوده ڇڪتاڻ کي قومي هم آهنگي ۽ سياسي استقامت جي بيانيي سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڪجهه شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ اهڙا بينر به نظر آيا، جن تي پلاند جا مطالبا لکيل هئا. جيتوڻيڪ اهڙن مطالبن کي سرڪاري پاليسي نٿو چئي سگهجي. بهرحال! انهن منظرن اهو ضرور ظاهر ڪيو ته فوجي ڇڪتاڻ جو اثر هاڻي عوامي احساسن تائين به پهچي چڪو آهي.

ٻئي طرف، هڪبئي تي حملن دوران سفارتڪاري جا در به مڪمل طور بند نه ٿيا. قطر، پاڪستان، عمان ۽ بين علائقائي ملڪن خاموشي سان رابطن جو سلسلو جاري رکيو جڏهن ته عالمي قوتون به ڪنهن وڏي جنگ کان بچڻ جون راهون ڳوليندڙ رهيون. اهو تضاد ئي موجوده بحران جي سڀ کان اهم خصوصيت آهي: هڪ پاسي ميزائلن جا ڌماڪا ۽ ڌمڪيون آهن، ته ٻئي پاسي ڳالهين جا دروازا اڃا بند ناهن ٿيا.

جيئن جيئن بحران اڳتي وڌندو ويو، تيئن تيئن اهو واضح ٿيندو ويو ته هيءَ رڳو ميزائلن ۽ فوجي هدفن جي جنگ نه، پر اعصاب، سياسي ارادن ۽ عالمي راءِ تي اثرانداز ٿيڻ جي به جنگ آهي. گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ واشنگٽن، تهران ۽ تل ابيب مان ايندڙ بيانن جي لهجي مان لڳي رهيو هو ته هر ڌر پنهنجي مخالف کي صرف ميدان ۾ نه، پر سفارتڪاري، ميڊيا ۽ نفسياتي محاذ تي به پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

اهڙي ماحول ۾ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو بيان خاص اهميت اختيار ڪري ويو. اسرائيلي ذريعن طرفان آمريڪا کي فراهم ڪيل انٽيليجنس "معلومات" کان پوءِ ٽرمپ پاران وصيت ڪرڻ جون خبرون به آيون ته سندس قتل يا مٿس حملي جي صورت ۾ آمريڪا ايران تي اهڙو فوجي حملو ڪندو، جنهن جي شدت اڳ ڪڏهن نه ڏٺي وئي هوندي. هن اهو به چيو ته فوج کي اڳواٽ هدايتون ڏنيون ويون آهن. جيتوڻيڪ انهن دعوائن بابت آزاد ذريعن کان مڪمل تصديق سامهون نه آئي ۽ ڪجهه آمريڪي عملدارن انهن اطلاعن کي فوري خطرو قرار ڏيڻ کان پاسو ڪيو، پر ان بيان جو سياسي اثر ضرور محسوس ڪيو ويو.

ٽرمپ جي بيان جو مقصد رڳو ايران کي خبردار ڪرڻ نه هو، اهو آمريڪي عوام، اتحادي ملڪن ۽ مخالف ڌرين ڏانهن به هڪ واضح پيغام هو ته واشنگٽن ڪنهن به ممڪن خطري کي معمولي نه وٺندو. اهڙي قسم جي بيان بازي جديد بين الاقوامي سياست ۾ ڪيترائي ڀيرا نفسياتي دٻاءُ پيدا ڪرڻ، مخالف ڌر جي ارادي کي ڪمزور ڪرڻ ۽ ڳالهين ۾ بهتر حيثيت حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندي آهي.

تهران به ان دوران پنهنجي لهجي ۾ ڪا نرمي نه آندي. ايراني عملدارن بار بار اهو موقف ورجايو ته سندن ملڪ دٻاءَ يا ڌمڪين هيٺ پنهنجي پاليسي تبديل نه ڪندو. ايراني ميڊيا ۽ سرڪاري بيانن ۾ قومي خودمختياري، مزاحمت ۽ دفاع جي اصطلاحن جو ورجاءُ ان ڳالهه جو اشارو هو ته حڪومت بحران کي رڳو فوجي مقابلي طور نه، پر قومي وقار سان به ڳنڍي پيش ڪري رهي آهي.

انهيءَ پسمنظر ۾ آيت الله علي خامنائي جي تدفين هڪ غيرمعمولي سياسي اهميت اختيار ڪري وئي. پاڪستان سميت سڄي اسلامي دنيا ۾ هي واقعو ويجهي نظر سان ڏٺو ويو. تدفين جي تقريب ۾ وڏي عوامي شرڪت، اعليٰ سياسي ۽ مذهبي قيادت جي موجودگي ۽ ان موقعي تي ظاهر ٿيندڙ جذبات رڳو سوڳ جي علامت نه، پر ايران لاءِ هڪ اهڙو منظرنامو به هئي، جنهن ۾ دنيا اهو ڏٺو ته ٻاهرين دٻاءَ باوجود رياست ۽ سماج ۾ اتحاد موجود آهي.

تقريب دوران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف نعرا هنيا ويا، جڏهن ته ڪجهه شرڪت ڪندڙن جي هٿن ۾ پلاند وٺڻ جا بينر به هئا. تهران لاءِ اها تقريب قومي يڪجهتي ۽ مزاحمت جي علامت هئي، جڏهن ته واشنگٽن ۽ تل ابيب ان کي پنهنجي پنهنجي سياسي تناظر ۾ ڏٺو. هن موقعي تي بحران جو هڪ ٻيو پاسو به نمايان ٿيو. هڪ پاسي آيت الله علي خامنائيءَ جي تدفين دوران پلاند جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ آيا، ته ٻئي پاسي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اهو اعلان ڪيو ته جيڪڏهن مٿس قاتلاڻو حملو ٿيو ته ايران خلاف اڳواٽ جاري ڪيل فوجي حڪمت تي عمل ڪيو ويندو. اهڙيءَ ريت بحران رڳو فوجي ۽ سفارتي مقابلي تائين محدود نه رهيو، پر ان ۾ ذاتي ۽ علامتي عنصر به شامل ٿيندا ويا. ڪيترن ئي مبصرن جي نظر ۾ ٽرمپ جو اهو بيان هڪ اهڙي سياسي "وصيت" وانگر هو جنهن ۾ امڪاني مستقبل جي ردعمل جو اعلان اڳواٽ ئي ڪيو ويو.

ساڳي وقت ٻنهي ڌرين جا بيان وڌيڪ سخت ٿيندا ويا، پر مڪمل جنگ کان پاسو به نظر آيو. محدود فوجي ڪارروايون، اقتصادي دٻاءُ، سخت سفارتي لهجو ۽ پس پرده رابطا گڏوگڏ جاري رهيا. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته واشنگٽن ۽ تهران ٻئي مڪمل جنگ جي قيمت کان چڱيءَ ريت واقف آهن.

ڪيترن ئي مبصرن جي نظر ۾ موجوده بحران کي روايتي "جنگ يا امن" جي عينڪ سان ڏسڻ ڪافي ناهي. هي اهڙو مرحلو آهي، جتي فوجي طاقت، معاشي پابنديون، انٽيليجنس سرگرميون، نفسياتي دٻاءُ ۽ سفارتڪاري هڪ ئي حڪمت عملي جا مختلف پاسا بڻجي چڪا آهن.

گذريل هڪ هفتي جي واقعن هڪ ڳالهه ضرور واضح ڪري ڇڏي آهي ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ هاڻي هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي. ٻنهي ملڪن جي حڪمت عمليءَ ۾ محدود فوجي ڪارروايون، سخت سياسي پيغام، معاشي دٻاءُ، انٽيليجنس سرگرميون ۽ سفارتي رابطا گڏ گڏ استعمال ٿي رهيا آهن. جنهن ڪري بحران اڳ کان وڌيڪ پيچيده بڻجي ويو آهي.

فوجي بيان بازيءَ جي عروج باوجود سفارتڪاريءَ جا در مڪمل طور بند ناهن ٿيا. قطر، پاڪستان، عمان ۽ بين ملڪن جون ثالثيءَ واريون ڪوششون، گڏيل قومن جون اپيلون ۽ عالمي طاقتن جا محتاط رويا اهو ظاهر ڪن ٿا ته هر ڌر ڄاڻي ٿي ته مڪمل جنگ جا نتيجا ڪنهن هڪ ملڪ تائين محدود نه رهندا. ٻئي پاسي، صدر ڊونلڊ ٽرمپ تازن بيانن ۾ اهو تاثر ڏنو آهي ته موجوده مفاهمتي انتظام هاڻي مؤثر نه رهيو آهي ۽ ايران سان وڌيڪ ڳالهين بابت به سندس اميد تقريباً ختم ٿي چڪي آهي. ان جي ابتڙ تهران مسلسل اهو موقف ورجائي رهيو آهي ته هو مفاهمتي انتظام جو پابند آهي، جڏهن ته تازين ڇڪتاڻ بابت آمريڪا کي ذميوار ڪوٺي ٿو. اهڙيءَ ريت، ٻنهي ڌرين جا سرڪاري موقف اڃا تائين هڪ ٻئي جي ابتڙ بيٺل آهن، جنهن ڪري سفارتي تعطل برقرار نظر اچي ٿو.

تازين اڳيراين مان اهو تاثر ضرور ملي ٿو ته واشنگٽن ۽ تهران، سخت لهجي ۽ محدود فوجي ڪارروايون باوجود، اهڙن قدمن کان گهٽو ڪري پاسو ڪري رهيا آهن جيڪي سڌي ۽ مڪمل جنگ جو سبب بڻجي سگهن. ان سان گڏ، سفارتي رابطن جا ڪجهه در به اڃا کليل نظر اچن ٿا. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته موجوده بحران ۾ طاقت جي نمائش ۽ ڳالهين جا امڪان هڪ ئي وقت موجود آهن.

بهرحال! وچ اوڀر اڄ اهڙي ٻواٽي تي آهي، جتي هر فوجي قدم جو مقصد لازمي طور جنگ شروع ڪرڻ ناهي، ۽ هر سفارتي رابطو لازمي طور امن جي ضمانت به نٿو ڏئي. گذريل هڪ هفتي جي واقعن اهو ضرور ثابت ڪيو آهي ته طاقت جي هن نئين راند ۾ ميزائلن سان گڏ سياسي پيغام، اقتصادي دٻاءُ ۽ سفارتي چالون به برابر اهميت رکن ٿيون. ان ڪري ايندڙ ڏينهن ۾ اصل سوال اهو نه هوندو ته ايندڙ حملو ڪڏهن ٿيندو، پر اهو هوندو ته ڇا هي بحران ڳالهين جي نئين مرحلي ڏانهن وڌندو يا طاقت جي نئين چڪر کي جنم ڏيندو.

شهدادڪوٽ شهر ۾ پاڻي جي عدم فراهمي ۽ صفائيءَ جي ناقص صورتحال خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي شهرين ۽ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڪوڙو موڙو چونڪ تي نعريبازي ڪئي

خاراڻي سنگل سيڪشن پاڙو، ڪالو مڪان پاڙو، نور محمدي اسڪول، سول اسپتال پاڙو سميت ٻين پاڙن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن:مظاهرين

ميونسپل انتظاميا ۽ پبلڪ هيلٿ کاتو شهر جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪا آهن

صاف پاڻي فراهم ڪيو وڃي ۽ صفائيءَ جا انتظام بهتر ڪيا وڃن،جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن اندر مسئلو حل نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

شهدادڪوٽ شهر ۾ واٽر سپلاءِ پاڻي جي فراهمي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادڪوٽ (ڏ ر) شهدادڪوٽ شهر ۾ گذريل ڪيترن ئي مهينن کان واٽر سپلائي پاڻي جي عدم فراهمي ۽ صفائيءَ جي ناقص صورتحال خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سڏ تي شهرين ۽ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو،مظاهرين شهر جي مرڪزي ڪوڙو موڙو چونڪ تي گڏ ٿي انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتي خلاف سخت نعريبازي ڪئي، جنهن سبب ڪجهه وقت لاءِ ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿي. اڳواڻن حمل خشڪ، حاڪم مستوئي، الهداد خشڪ ۽ ٻين جو چوڻ هو ته گذريل ڪيترن ئي مهينن کان شهر جا اڪثر علائقا جن ۾ خاراڻي سنگل سيڪشن پاڙو، ڪالو مڪان پاڙو، نور محمدي اسڪول، سول اسپتال پاڙو سميت ٻين پاڙن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن. جنهن ڪري شهري مهانگو پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪارڪنن شڪايت ڪئي ته واٽر سپلائي جي ٽانڪن ۽ پائپ لائنن جي عرصي کان صفائي ناهي ٿي، جنهن ڪري جيڪڏهن ڪڏهن پاڻي اچي به ٿو ته اهو انتهائي گندو ۽ وايرڻ جي لائق ناهي هوندو، جنهن سان بيماريون پکڙجڻ جو خدشو آهي. مظاهرين الزام هنيو ته ميونسپل انتظاميا ۽ پبلڪ هيلٿ کاتو شهر جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪا آهن. ايس يو پي اڳواڻن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته شهدادڪوٽ ۾ واٽر سپلائي سسٽم کي فوري طور تي فعال ڪري شهرين کي صاف پاڻي فراهم ڪيو وڃي ۽ صفائيءَ جا انتظام بهتر ڪيا وڃن. هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ڪجهه ڏينهن اندر مسئلو حل نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ميهڙ ۾ اغوا ٿيل ٽينگري اجالا پروين سولنگي جي بازيابي لاءِ ريلي

منظور ڪالوني کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

ٽي مهينا گذري چڪا آهن، پر اڃا تائين سندس ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي:اڳواڻ

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي منظور ڪالوني واسي 6 ورهين جي ٽينگري اجالا پروين سولنگي جي اغوا کي 89 ڏينهن گذرڻ باوجود بازيابي عمل ۾ نه اچڻ خلاف وارثن، مختلف سياسي، سماجي تنظيمن شهرين ۽ معصوم ٻارڙن پاران منظور ڪالوني کان آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر پينافليڪس ۽ پلي ڪارڊ کنيا، جن تي اجالا پروين جي بازيابي ۽ اغوا ٿيل ٻين ٻارڙن جي جلد بازيابي بابت مطالبا درج هئا. مظاهرين سنڌ سرڪار سنڌ پوليس ۽ لاڳاپيل اختيارين خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ٽينگري جي والد، پرائمري استاد شمس الدين سولنگي، عبدالغني سولنگي، جاويد سولنگي، وڪيل سعيد پنهور ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته 14 اپريل تي منظور ڪالوني مان اسڪول ويندڙ 6 ورهين جي ٽينگري اجالا پروين سولنگي کي اغوا ڪيو ويو جنهن کي لڳ ڀڳ ٽي مهينا گذري چڪا آهن پر اڃا تائين سندس ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن چيو ته ٽينگري جي اغوا کان پوءِ گهر ۾ مسلسل ڏک ۽ پريشاني واري صورتحال آهي ماءُ بيحال آهي ۽ سمورا گهر ڀاتي سخت ذهني اذيت ۾ مبتلا آهن جڏهن ته سنڌ سرڪار سنڌ پوليس ۽ علائقي جا چونڊيل نمائندا خاموشي اختيار ڪري ويٺا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي دادو هن وقت تائين ڪيس بابت ڪا خاص اڳڀرائي ڪرڻ يا وارثن سان رابطو ڪرڻ لاءِ تيار ناهي سندن چوڻ موجب ايس ايس پي دادو پاران قائم ڪيل جاچ ڪاميٽي به ختم ٿي چڪي آهي جيڪا بيهتر فعال نه ٿي سگهي آهي. جڏهن ته گذريل ٽن مهينن دوران ميهڙ پوليس به وارثن سان ڪو رابطو ناهي ڪيو ۽ ضلعي انتظاميه پڻ لاتعلقي اختيار ڪري ڇڏي آهي وارثن ٻڌايو ته هو گذريل 17 ڏينهن کان بيراج ٻاءِ پاس تي ٻرپا ڪماري، اجالا پروين ۽ سنڌ جي مختلف شهرن مان اغوا ٿيل ٻين ٻارڙن جي بازيابي لاءِ ڌرڻو هڻي ويٺا آهن.

ميهڙ اغوا ٿيل ٽينگري اجالا پروين سولنگي جي بازيابي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪيرو ۾ بدامني ۽ آئيس جي وڪري خلاف جسقم پاران احتجاجي ريلي

منشيات جو وڪرو بند ڪيو وڃي،چوري ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وڃي:اڳواڻ

ٽن ڏينهن اندر جوابدار گرفتار نه ٿيا ته پوءِ ڪيرو ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

ڪيرو(ن ع) ڪيرو ۾ وڌندڙ بدامني ۽ آئيس جي نشي جي وڪري خلاف جسقم اڳواڻن پاران احتجاجي ريلي مظاهرو ايس ايڇ او جي بدلي جو مطالبو قومي ڪارڪن خيرل ڀوڙ جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس نه ڪرڻ خلاف احتجاج، ٽن ڏينهن جي مهلت، قومي ڪارڪن خيرل ڀوڙ جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل ڪيترائي ڏينهن گذرڻ باوجود واپس نه ڪرڻ ۽ شهر ۾ وڌندڙ بدامني آئيس جي نشي جي وڪري جسقم اڳواڻن ڪارڪن شهيد سورهيه بادشاهه چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاج آزاد ڪنڀر، شوڪت ٻرڙي، حسن سنڌي، خيرل ڀوڙ ۽ رحمان شر جي اڳواڻي ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ شريڪ مظاهرين مطالبو ڪيو ته خيرل ڀوڙ جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل فوري طور هٿ ڪري واپس ڪئي وڃي ۽ چوري ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي، منشيات جو وڪرو بند ڪيو وڃي.

هٽڙي پوليس طرفان ڳوٺ فضل ٻاگهل ۾ چڙهائي خلاف احتجاجي مظاهرو

دهشتگردي جو ڪيس داخل ۽ سامان ڦرڻ خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪيو

ايس آءِ حڪيم پالاري سميت 3 ڄڻا گلشير ٻاگهل جي گهر ۾ گهڙي پيا،بقا ٻاگهل

پوليس اهلڪار عورت ثانيه ٻاگهل کي موبائل ۾ ڪڻي فرار ٿي ويا،ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد ويجهو ڳوٺ فضل ٻاگهل ۾ هٽڙي پوليس طرفان ڳوٺ تي حملو ڪري 243 ڳوٺاڻن تي دهشتگردي جو ڪيس داخل ۽ لکين رپين جو سامان چوپايو مال ڦرڻ خلاف ڳوٺاڻا حيدرآباد پريس ڪلب پهچي ويا. پوليس خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ حيدرآباد جي ڳوٺ فضل ٻاگهل جي رهواسي بقا ٻاگهل، رمضان ٻاگهل، حسين ٻاگهل، زيب النساء ٻاگهل، لالي ٻاگهل، سوني ٻاگهل ۽ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ خاصخيلي سان گڏجي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته 9 جولاءِ جي خميس جي شام هٽڙي ٿاڻي جا 2 پوليس اهلڪار اي ايس آءِ حڪيم پالاري سميت 3 ڄڻا سادن ڪپڙن ۾ آيا. جنن عدالتي حڪم تحت عورت جي بازيابي جو بهانو بدران ڳوٺاڻي گلشير ٻاگهل جي گهر ۾ گهڙي پيا، ثانيه زال غلام عباس ٻاگهل جي ٻچا ڪري ان جي توهين ۽ تذليل ڪري ڪيس گرفتار ڪيون جنهن تي هن زڱيون ڪيون ته گهر ڀاتي گڏ ٿي ويا ته سادا ڪپڙا پاتل ماڻهن مارڪٽ ڪرڻ شروع ڪري ڏني پوليس اهلڪار عورت ثانيه ٻاگهل کي موبائل ۾ ڪڻي فرار ٿي ويا، جنهن ڪانپوءِ عورت جي پاڻن ۽ ٻين گهر ڀاتين موٽر سائيڪل تي آيل سادا ڪپڙا پاتل ماڻهن کي ڏوهاري هجڻ جي شڪ ۾ روڪي ٻچا ڪٽي ته اهي انهن سان وڙهي پيا ۽ انهن رڃ ۾ جهيڙو ٿي پيو هنن چيو ته پوليس ڳوٺاڻن تي سخت تشدد ڪرڻ سان گڏ 243 ڳوٺاڻن تي دهشتگردي جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته پوليس پنهنجي نااهلي کي لڪائڻ لاءِ ايس ايڇ او هٽڙي ۽ ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ سميت اعليٰ عملدارن تائين غلط ۽ گمراهه ڪندڙ رپورٽ ڏني جنهن ڪري خميس واري ڏينهن جمع جي رات جو اٽڪل 10 رڳي ڏاري سڄي ضلعي جي پوليس ۽ سئو کان وڌيڪ پرائيويٽ ماڻهو گڏ ڪري ڏوهارين وانگر اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري عورتن، ٻارن ۽ پيرسن ذهني توازن وڃايل شخص، ڳونگن، ٻوڙن ۽ معذور ماڻهن تي بدترين تشدد ڪيو ويو پرائيويٽ ماڻهن ۽ پوليس اهلڪارن هر هڪ ڳوٺاڻن پنهون ٻاگهل، محمد جمن ٻاگهل، غلام مصطفى ٻاگهل، ج راشد ٻاگهل، غلام علي امداد، امجد، ارباب علي راجا، غلام نبي ٻاگهل، حيدر علي جي گهرن ۾ پيچ ڏاهه ڪري الماريون، پيٽيون، شوڪيس، دريون بلب، فرج ٽي وي، ٽانو 2 ڪارون ۽ هڪ سوزوڪي، 4 سولر پليٽون ٽوڙڻ سان گڏ راجا ٻاگهل جي گهر مان سونا زيور لک روپيا روڪ، امداد جي گهر مان سونا زيور 2 موٽر سائيڪل 50 هزار روڪ رقم، غلام علي جي گهر مان ڏيڍ تولو سونا زيور 22 هزار روڪ رقم هڪ بيٽري، ارباب علي جي گهر مان سونا زيور 60 هزار روپيا روڪ رقم ۽ بيٽري، پنهون جي گهر مان سونا زيور 5 لک روپيا رقم 2 سولر پليٽون جمن جي گهر مان 70 هزار روپيا روڪ، بيٽري، غلام مصطفى جي گهر مان 2 لک روپيا روڪ ۽ سونا زيور بيٽري ۽ هڪ موٽر سائيڪل، غلام نبي جي گهر مان 80 هزار روپيا، امجد جي گهر مان 55 هزار روپيا روڪ، حيدر علي جي گهر مان 18 هزار روپيا روڪ رقم، پنهون جي گهر مان 5 موٽر سائيڪلون ۽ چار مينهون ڦر ڪري ڪڻي ويا هنن چيو ته پوليس معذور ڳوٺاڻن تي پڻ تشدد ڪيو آهي هنن چيو ته سڄي واقعي جو ذميوار اي ايس آءِ حڪيم پالاري آهي جنهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هنن سنڌ حڪومت، آئي جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي حيدرآباد شاهزيب چاچڙ کان مطالبو ڪيو ته بيگناهه ڳوٺاڻن تي حملو ڪرڻ ۽ 243 ماڻهن تي دهشتگردي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جو نوٽيس وٺي ڦٽ ڪيل سامان واپس ڪرائي ملوث اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد: قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ الطاف خاصخيلي پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي

ٽنڊو محمد خان ۾ پ پ پاران آبي دهشتگردي خلاف پيادل ريلي

سنڌو درياهه سنڌ جي تهذيب ۽ معيشت جي علامت آهي:اعجاز شاهه بخاري

پيپلز پارٽي سنڌ جي حقن جي تحفظ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندي رهي ٿي

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) انڊيا پاران سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي ۽ آبي دهشتگردي خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٽنڊومحمد خان پاران مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون پيادل ريلي بخاري هائوس تان ڪڍي ۽ پريس ڪلب پهتي جتي ريلي کي پ پ ضلعي صدر ايم پي اي سيد اعجاز شاهه بخاري خطاب ڪندي چيو ته انڊيا پاران سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي ڪئي آهي جيڪا آبي دهشتگردي آهي هن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي تهذيب ۽ معيشت جي علامت آهي. جنهن تي ڪنهن به قسم جو ڌاڙو قبول نه ڪنداسين جيڪا سنڌ جي عوام کي هرگز قبول نه هوندو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي پاڻي جي حقن جي تحفظ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندي رهي ٿي ۽ سنڌ جي پاڻي تي ڪنهن به قسم جي سوديبازي برداشت نه ڪئي ويندي ريلي کي پ پ ضلعي جنرل سيڪريٽري خرم ڪريم سومرو خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي پاڻي ۽ سنڌو درياهه جي حفاظت ڪنداسين انڊيا جي جارحيت ڪڏهن قبول نه ڪبي هن چيو ته پاڻي تي انڊيا پاران جهاريت ڪئي پئي وڃي پوري قوم انڊيا جي زيادتي خلاف متحد آهي سنڌ جي پاڻي جي تحفظ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه جيان اڳ ۾ رهندي آهي هن چيو ته پاڻي سنڌ جي معيشت جو ڄياپو آهي اسان سنڌو درياهه جي بقا لاءِ ڪنهن به قرباني کان پوئتي نه هٽندا ريلي کي ضلعي ڪائونسل جي وائيس چيئرمين غلام مصطفى جت، پ پ پوٽ صدر سيدصلال شاهه بخاري، ميونسپل چيئرمين سيد شاهنواز شاهه بخاري، سيد غلام حيدر شاهه، رئيس مظفر نظاماڻي، منور مغل، ڪوآرڊينيٽر حاجي عباس سليو، ڊاڪٽر ميرحسن ملاح، جمن ڪيهر ۽ ٻين خطاب ڪيو

سابق ايم اين اي وڏيرو احمد ميمڻ جو فرزند قاسم ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو

سجاول (ڏ ر)سابق ايم اين اي وڏيرو احمد ميمڻ جو فرزند، پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي سجاول جو صدر ڊاڪٽر اقبال احمد ميمڻ جو ڀاءُ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جو سرگرم اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ جو سئوٽ محمد قاسم ميمڻ لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، مذهبي، صحافتي ۽ واپاري شخصيتن سان گڏ هزارين شهرين شرڪت ڪئي جنازي نماز جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي اڳواڻ مولانا صالح الحداد پڙهائي، جنهن بعد مرحوم کي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۾ صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز رئيس محمد علي خان ملڪاڻي ايم پي اي ريحانه لغاري، ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي، ايم اين اي صادق علي ميمڻ سابق ايم اين اي ارباب وزير ميمڻ، حاجي شوڪت علي خان ملڪاڻي، رئيس اسلم ملڪاڻي، ڊاڪٽر واحد سومرو، پير رحماني جيلاني، رئيس اقبال موسيٰ چانديو، سردار واحد بخش ملڪاڻي، رئيس اعظم خان ملڪاڻي، منظور پليجو علي مير ملاح، رميزالحق ڏٿو، رئيس عبدالله خان لغاري، ممتاز جلباڻي، غلام رسول جلباڻي، ڊاڪٽر علي محمد ميمڻ، عمر ميمڻ، محمد بارڻ اسلم گگو، حافظ رياض ميمڻ، حاجي مجيد ميمڻ، حاجي اسلم ميمڻ، ارباب ابراهيم ميمڻ، عارف ابڙو، سيد شفقت شاهه، شهيمر گبول ميمڻ، حاجي عبدالستار شيخ، ڊاڪٽر نور احمد ملاح، اشرف شاعر وزير ڏٿو، سيٺ حنيف ميمڻ، پريس ڪلب ٺٽو جي صدر اقبال جاکري، رحمت الله چنو، عمران علي ڪٽي، خالد ڪٽي، عبدالغفور پليپوٽو، شبير سمون، محمد ميمڻ، پورو سرڪي، ظهيرالدين شورو، مظفر لغاري، مصطفيٰ ميمڻ، صديق نوراني، شڪيل ڪٽي، نجيب سرويچ، عرفان سومرو، قادر ڪيهر، زاهد ڪڏن، حميد سومرو، ممتاز ميمڻ، سيٺ عزيز ميمڻ، حاجي مير محمد اوٺو، نور محمد ڪنيار سميت مختلف سياسي، سماجي، مذهبي، صحافتي، واپاري هزارين شهرين شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن مرحوم محمد قاسم ميمڻ جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام لاءِ خصوصي دعائون گهريون اڳواڻن ۽ معززين سوڳوار خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي کين صبر جميل جي تلقين ڪئي

دادلغاري ويجهو ڳوٺ نبي بخش لغاري ۾ ارڙي جي مرض وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي

ارڙي سبب هڪ سالا صفيان ولد مختيار لغاري فوت ٿي ويو،ڳوٺ ۾ ارڙي ۾ ڪيترائي معصوم مبتلا هئڻ، متاثر خاندانن ۾ خوف

10 مهينن جي اسرا لغاري، 4 سالا منتظر لغاري ۽ 3 سالا مبشر لغاري سميت ڪيترائي معصوم ٻار ارڙي ۾ مبتلا

اطلاع ڪيو هو ته اسانجي علائقي ۾ ارڙي ڦهلجي پئي ٽيمون موڪلي بچاءَ جا ويڪسين ڪرايو پر صحت کاتو سجاڳ ٿي نه ٿيو:والدين

ڊاڪٽرن جون ٽيمون اماڻي معصوم ٻارڙن کي ارڙي جي بچاءَ جا ٽڪا لڳايا وڃن جيئن وڌيڪ معصوم ٻارڙن جون جانيون بچي سگهن

دادلغاري (ن ع)دادلغاري ويجهو ڳوٺ نبي بخش لغاري ۾ ارڙي جي موذي مرض وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ ارڙي ۾ ڪيترائي معصوم مبتلا هئڻ جڏهن ته ارڙي سبب هڪ سالا صفيان ولد مختيار لغاري فوت ٿي ويو جڏهن ته 10 مهينن جي اسرا لغاري، 4 سالا منتظر لغاري ۽ 3 سالا مبشر لغاري سميت ڪيترائي معصوم ٻار ارڙي ۾ مبتلا هئيل آهن متاثر خاندانن ۾ خوف ڳنتي جي لهر ڇانيل آهي ارڙي ۾ مبتلا معصوم ٻارڙا جا والدين سخت پريشان آهن متاثر علائقي واسين اختيار ۽ مختيار لغاري جو چوڻ آهي ته اسان صحت کاتي گهوٽڪي کي پهرين اطلاع ڪيو هو ته اسانجي علائقي ۾ ارڙي ڦهلجي پئي ٽيمون موڪلي بچاءَ جا ويڪسين ڪرايو پر صحت کاتو سجاڳ ٿي نه ٿيو جنهن سبب اڄ اسانجو هڪ معصوم ٻار هڪ سالا صفيان لغاري فوت ٿي ويو آهي ۽ ڪيترائي معصوم ٻار ارڙي جي موذي مرض ۾ مبتلا آهن انهن چيو ته جيڪڏهن ارڙي تي فوري ضابطو نه آندو ويو ۽ صحت کاتي پاران هنگامي قدم نه کنيا ويا ته معصوم ٻارڙن جون وڌيڪ قيمتي جانيون ضايع ٿي سگهن ٿيون متاثر علائقي واسين صحت کاتي گهوٽڪي جي ڊي ايڇ او ۽ ڊي سي گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو ته فوري طور متاثر ڳوٺ ۾ ڊاڪٽرن جون ٽيمون اماڻي معصوم ٻارڙن کي ارڙي جي بچاءَ جا ٽڪا لڳايا وڃن جيئن وڌيڪ معصوم ٻارڙن جون جانيون بچي سگهن

دڙو ۾ ڪميشن ايجنٽن پيڊي مالڪن پاران فوڊ ڊپارٽمينٽ ۽ اي سي خلاف احتجاج

فوڊ ڊپارٽمينٽ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر دڙو جي ڪارروائين خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو

مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن ۽ ضبط ڪيل ڪڻڪ واپس ڪئي وڃي:ونيش ڪمار

دڙو (ن ع) دڙو ۾ ڪميشن ايجنٽن پيڊي مالڪن جي پريس ڪانفرنس، فوڊ ڊپارٽمينٽ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر دڙو خلاف احتجاج، سپاٽي مهراڻ هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪرڻ جو چتاءُ دڙو جي پيڊي مالڪن ونيش ڪمار سيٺ راڄهن جمالي، سيٺ شاهد اقبال آرائين ۽ سيٺ عبدالغفار آرائين سميت ٻين ڪان وڌيڪ ڪميشن ايجنٽن واپارين جي اڳواڻي گڏجي دڙو پريس ڪلب ۾ پريس هنگامي ڪانفرنس ڪندي فوڊ ڊپارٽمينٽ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر دڙو جي ڪارروائين خلاف سخت احتجاج ڪيو پريس ڪانفرنس دوران اڳواڻن الزام هنيو ته انتظاميه پوليس ساڻ ڪري سندن گودامن تي ڇاپا هڻي ناجائز طريقي سان گدام سيل ڪري ڪڻڪ ضبط ڪري رهي آهي جنهن سبب کين ڪي مالي نقصان سان گڏ تذليل جو به منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو ته اسان قانون موجب ڪاروبار ڪري رهيا آهيون، پر ان جي باوجود کين بنا جواز هراسان ڪيو پيو وڃي پيڊي مالڪن مطالبو ڪيو ته سندن مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن ۽ ضبط ڪيل ڪڻڪ واپس ڪئي وڃي هنن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته هو سپاٽي احتجاج طور مهراڻ هاءِ وي بند ڪري سخت احتجاج ڪندا، جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل انتظاميا تي هوندي واضح رهي ته هن سال سرڪاري طور تي فوڊ کاتي طرفان ڪڻڪ جي خريداري لاءِ واپارين کي ڪا به سهولت نه هجڻ جي برابر هئي هن وقت جڏهن واپارين خريداري ڪئي آهي ته انهن جي تذليل ڪري گدام سيل ڪرڻ ۽ ڪڻڪ ضبط ڪرڻ ۽ اسان کي مالي نقصان پهچايو ٿو وڃي

جي ڊي اي اڳواڻ اڳوڻي ناظم عبدالرحيم ڪلوئي جو چاچو لاڏاڻو ڪري ويو

شهدادپور(ن ع) جي ڊي اي اڳواڻ اڳوڻي ناظم عبدالرحيم ڪلوئي جو چاچو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ڳوٺ بهادر ڪلوئي ۾ آچر ڏينهن صبح 8وڳي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

پيپلز پارٽي ضلع گهوٽڪي پاران مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون ريلي

گهوٽڪي(ن ع)پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع گهوٽڪي پاران ضلعي صدر مير بابر علي خان لنڊ جي اڳواڻي ۾ پارٽي آبي دهشتگردي خلاف "مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون" جي عنوان سان هڪ شاندار احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ پارٽي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ جيالن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي ۾ ضلعي ڪائونسل گهوٽڪي جي چيئرمين سردار بنگل خان مهر، ضلعي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي لاکو، مير حمزه خان سندراڻي، سٽي گهوٽڪي جي سينيئر نائب صدر چوڌري آصف آرائين سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي ريلي جي شرڪت ڪندڙن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کنيل هئا، جن تي درياءَ سنڌ جي تحفظ ۽ پارٽي آبي جارحيت خلاف نعرا لکيل هئا، جڏهن ته ريلي دوران "مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون" جا نعرا هنيا ويا. ريلي کي خطاب ڪندي ضلعي صدر مير بابر علي خان لنڊ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ درياءَ سنڌ ۽ سنڌ واسين جي آبي حقن جي تحفظ لاءِ هر محاذ تي جدوجهد جاري رکندي هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري هميشه سنڌ جي عوام جي حقن جي ڀرپور وڪالت ڪئي آهي ۽ واضح موقف اختيار ڪيو آهي ته درياءَ سنڌ تي ڪنهن به قسم جو سوديبازي يا سمجهوتو هرگز قبول نه ڪيو ويندو مير بابر علي خان لنڊ وڌيڪ چيو ته درياءَ سنڌ، سنڌ جي زندگي، معيشت، زراعت ۽ ثقافت جي سڃاڻپ آهي، جنهن تي ڪنهن به قسم جي زيادتي يا قبضي جي ڪوشش برداشت نه ڪئي ويندي.

دڙو ڪميشن ايجنٽن پيڊي ملڪن پاران فوڊ ڊپارٽمينٽ ۽ اي سي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد ۾ ويٽنگ لسٽ اميدوارن پاران آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي:ظهير عباس

نوڪريون ڏيڻيون نه هيون ته پوءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)تعليم کاتي سنڌ ۾ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي سڪر آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس ويٽنگ لسٽ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ظهيرعباس،فهد شيخ،عارف ڪليري،سعديه،ثمينه بلوچ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن چيو ته جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي 40پلس مارڪون کڻندڙ اميدوار گذريل 120 مهينن کان پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي جائز مطالبن تي اڃا تائين ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي. هڪ پاسي اهي اميدوار آفر آرڊرن جي انتظار ۾ ويٺل آهن جڏهن ته ٻئي پاسي سنڌ ۾ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏنيون وڃن آهن جيڪو اهل اميدوارن سان واضح ناانصافي ۽ ٻٽي معيار کي ظاهر ڪري ٿو. سنڌ سياسي بنيادن تي نوڪريون ڏيڻيون هئيون ته پوءِ آءِ بي اي ٽيسٽ ڪرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي

پيپلزپارٽي اڳواڻ فهد خان وساڻ جي چاچي لاڏاڻو ڪري وئي

شهدادپور(ن ع) پيپلزپارٽي اڳواڻ سياسي سماجي شخصيت فهد خان وساڻ جي چاچي ۽ جان محمد وساڻ جي امڙ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ دم ڏڻي حوالي ڪيو ڪيس سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هوڏانهن سندس پونئيرن سان بخاري پاڙي ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي

حيدرآباد سافڪو پاران اسٽيٽ لائيف انشورنس ۽ ٽي پي ايل انشورن سان گڏ سستي انشورنس ۽ بچت جون خدمتون تيار ڪرڻ بابت سليمان جي ابڙو ۽ ٻيا خيالن جو اظهار ڪندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

سومر 13 جولاءِ 2026ع

ڪينسر: وڌندڙ عالمي خطرو ۽ پاڪستان لاءِ چئلينج

ڪينسر هاڻي رڳو هڪ بيماري نه رهيو آهي پر اهو عالمي صحت، معيشت ۽ سماج لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻجي چڪو آهي. صحت واري عالمي اداري ۽ ڪينسر بابت تحقيق ڪندڙ عالمي اداري جي تازي "گلوبل اسٽيٽس رپورٽ آن ڪينسر 2026" دنيا کي هڪ انتهائي ڳڻتي جوڳو پيغام ڏنو آهي. رپورٽ موجب دنيا جي 92 سيڪڙو آبادي زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي ڪينسر کان متاثر ٿيندي، جڏهن ته هر پنجن مان هڪ ماڻهو پنهنجي حياتيءَ دوران هن موذي مرض جو شڪار ٿيندو. هر سال ٻه ڪروڙ ڇهه لک کان وڌيڪ نوان ڪينسر جا ڪيس سامهون اچي رهيا آهن، جڏهن ته هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو هن بيماريءَ سبب زندگي وڃائي ويهن ٿا. روزانو 26 هزار کان وڌيڪ انساني زندگيون ڪينسر جي ڪري ختم ٿي وڃن ٿيون، جنهن سبب اها بيماري دل جي مرضن کان پوءِ دنيا جي ٻي وڏي قاتل بيماري بڻجي چڪي آهي. رپورٽ موجب جيڪڏهن موجوده رجحان جاري رهيو ته سال 2050ع تائين ڪينسر جا نوان ڪيس ساليانو بنيادن تي ساڍا ٽي ڪروڙ تائين پهچي سگهن ٿا. جيڪو موجوده انگن اکرن جي ڀيٽ ۾ چاليهه سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو هوندو. ماهرن موجب آباديءَ ۾ واڌ، ماڻهن جي عمر ۾ اضافو، ماحولياتي آلودگي، غير صحتمند طرزِ زندگي، تماڪ نوشي، غير متوازن خوراڪ، جسماني سرگرمين جي کوٽ ۽ مختلف انفيڪشن هن خطرناڪ واڌ جا بنيادي سبب آهن. پاڪستان ۾ به صورتحال انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي آهي. هر سال لڳ ڀڳ هڪ لک پنجاسي هزار کان وڌيڪ نوان ڪينسر جا ڪيس رپورٽ ٿين ٿا، جڏهن ته هزارين ماڻهو علاج جي مناسب سهولتن جي کوٽ ۽ دير سان تشخيص سبب زندگي وڃائي ويهن ٿا. وڌيڪ پريشان ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته هر سال اٺ کان ڏهه هزار پاڪستاني ٻار ڪينسر جو شڪار ٿين ٿا، جيڪي نه رڳو پنهنجي خاندان لاءِ پر سڄي سماج لاءِ هڪ وڏو الميو آهن. پاڪستاني عورتون به هن بيماريءَ کان گهڻو متاثر ٿي رهيون آهن. هر سال ٽيهه هزار کان وڌيڪ عورتون ڇاتيءَ جي ڪينسر ۾ مبتلا ٿين ٿيون ۽ انهن مان پندرهن هزار کان وڌيڪ پنهنجون زندگيون وڃائي ويهن ٿيون. ڇاتيءَ جو ڪينسر پاڪستان ۾ عورتن ۾ سڀ کان وڌيڪ عام ڪينسر بڻجي چڪو آهي ان کان علاوه سروائيڪل ڪينسر به پاڪستاني عورتن ۾ ٽيون سڀ کان عام ڪينسر آهي، جنهن جا هر سال لڳ ڀڳ پنج هزار نوان ڪيس سامهون اچن ٿا. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته سماجي لاپرواهي، شعور جي کوٽ ۽ طبي سهولتن تائين محدود رسائيءَ سبب گهڻيون عورتون بيماريءَ جي آخري مرحلن ۾ اسپتالن تائين پهچن ٿيون، جنهن ڪري علاج جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا.

ڪينسر خلاف جنگ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ علاج جي سهولتن ۾ عالمي ۽ مقامي اڻ برابري آهي. امير ملڪن ۾ جديد تشخيصي نظام، ريڊيو ٿراپي، جديد دوائون ۽ ماهر ڊاڪٽرن جي موجودگيءَ سبب مريضن جي بقا جا امڪان گهڻا آهن، جڏهن ته غريب ۽ گهٽ آمدنيءَ وارن ملڪن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب مريضن جون زندگيون خطري ۾ پئجي وڃن ٿيون. ڪيترن ئي ملڪن ۾ ريڊيو ٿراپي جون سهولتون موجود ئي ناهن، جڏهن ته ضروري دوائن تائين رسائي به محدود آهي. پاڪستان ۾ به صورتحال گهڻي مختلف ناهي، جتي وڏن شهرن کان ٻاهر ڪينسر جي تشخيص ۽ علاج جون سهولتون انتهائي محدود آهن. هيءَ بيماري صرف صحت جو مسئلو ناهي، پر هڪ وڏو معاشي ۽ سماجي بحران پڻ آهي. عالمي سروي موجب لڳ ڀڳ 45 سيڪڙو مريض سخت مالي دٻاءَ جو شڪار ٿين ٿا، جڏهن ته اڌ کان وڌيڪ ماڻهو ذهني پريشانين ۽ نفسياتي مسئلن ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. اسان جهڙن ملڪن ۾، جتي اڪثريت پنهنجي علاج جا خرچ پاڻ برداشت ڪري ٿي، ڪينسر جو هڪ مريض سڄي خاندان جي معاشي بنيادن کي لوڏي سگهي ٿو. ڪيترائي خاندان علاج جي خرچن سبب قرضن، ملڪيت جي وڪري ۽ مالي بدحاليءَ جو شڪار ٿي وڃن ٿا. هن صورتحال ۾ حڪومت ۽ صحت جي ادارن تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي. سڀ کان پهرين عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ ضروري آهي، جيئن ماڻهو بيماريءَ جي ابتدائي علامتن کي سڃاڻي وقت سر طبي معائنو ڪرائي سگهن. اسڪريننگ پروگرامن کي هٿي ڏيڻ، عورتن لاءِ ڇاتي ۽ سروائيڪل ڪينسر جي جاچ کي عام ڪرڻ، ٻارن جي ڪينسر لاءِ خاص مرڪز قائم ڪرڻ ۽ ضلعي سطح تائين تشخيصي سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان سان گڏوگڏ تماڪ نوشيءَ جي روڪٿام، صحتمند خوراڪ جي واڌاري ۽ جسماني سرگرمين جي حوصلا افزائي وسيلي به ڪينسر جي ڪيترن ئي قسمن کي روڪي سگهجي ٿو.

اضطراب ۾ ورتل وطن واسي!

محمود شام

امن جي نوبل انعام جو چرچو نه گهٽبو ٿيندو رهي ٿو پر حقيقت اها آهي ته امن ڪٿي به ناهي؛ نه عالمي سطح تي ۽ نه ئي مقامي سطح تي. ايران اڃا پنهنجي عظيم رهبر جي تدفين جي مرحلن مان گذري رهيو هو ته آبناءِ هرمز واري ٽڪراءَ جو سبب بڻجي وئي آهي. ڪجهه ٽينڪرن تي پاسداران انقلاب جي ڪارروائي آمريڪي صدر ٽرمپ کي ٻيهر جنگ ۽ جهيڙي لاءِ تيار ڪري ڇڏيو. امن جي نوبل انعام جا اميدوار امن وارا ڏينهن پسند نٿا ڪن. انهن کي ته وهندڙ رت ئي وڌيڪ وڻندو آهي.

ڪالهه آچر هو. پنهنجي پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، ڏوهٽن، ڏوهٽين، نُنهرن ۽ ناٺين سان گڏ منجهند جي ماني تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو ڏينهن ۽ عصر جي نماز کانپوءِ پاڙيسري لاڳاپن جا لمحا هوندا آهن. پڙهندڙن سان ملاقات ٿيندي آهي ته خبر پوي ٿي ته گهرن اندر نه گهٽتو ڪري اهو سلسلو بحال ٿي ويو آهي پر پاڙيسرين جا لاڳاپا اڃا شروع نه ٿيا آهن. آبادي وڌندي پئي وڃي. ٽيڪنڪري مسئلا به وڌندا پيا وڃن. 25 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو اها قدرت جي مهرباني آهي جو هن وڌندڙ آباديءَ مان 60 سيڪڙو نوجوان آهن. جيڪڏهن اها شرح ابتڙ هجي ها ته درپيش مسئلا وڌيڪ پيچيده هجن ها. آبادي جنهن رفتار سان وڌي رهي آهي، اسان جي حڪمراني ان رفتار سان بهتر نه ٿي سگهي آهي.

هڪ پاسي بلوچستان آهي، جنهن جون سرحدون ايران ۽ افغانستان سان ملن ٿيون ته ٻئي طرف آزاد جموں ۽ ڪشمير جو علائقو آهي، جيڪو 1948ع کان راءِ شماريءَ جو منتظر آهي. جتي گڏيل قومون پنهنجي ئي قراردادن تي عمل ڪرائڻ ۾ ناڪام رهيون آهن جيتوڻيڪ ان تي آمريڪا جو اثر رسوخ رهيو آهي ۽ پاڪستان هميشه آمريڪا جو اتحادي رهيو آهي پر جڏهن به ڪشمير جو مسئلو اٿاريو ويو يا جنگيون ٿيون ته آمريڪا غيرجانبدار رهيو. هاڻي انساني حق، آزادي ۽ خودمختياري مارڪيٽ جي ماپ اڳيان بي وس ٿي ويا آهن. وڌندڙ آبادي اسان لاءِ مسئلن جو سبب بڻيل آهي. جڏهن ته پارٽ پنهنجي وڌندڙ آباديءَ کي وڏي مارڪيٽ طور پيش ڪري آمريڪا ۽ يورپي يونين سان لاڳاپا وڌائيندو رهي ٿو پر اسان پنهنجي 25 ڪروڙ جي مارڪيٽ کي نمايان نه ڪري سگهياسين.

هاڻي صورتحال وڌيڪ ڳڻتيءَ جوڳي ٿي وئي آهي، ايتريقدر جو اسان کي هاڻي گڏيل فيصلا سازيءَ جي ضرورت آهي. سڀ کان خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته حڪمران پنهنجو اعتبار وڃائي ويٺا آهن ۽ عوام ۽ حڪمرانن وچ ۾ فاصلا وڌندا پيا وڃن. هر سرڪاري فيصلي ۽ هر نئين حڪومتي قدم تي ماڻهو شڪ ۽ شبهي ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا. سوشل ميڊيا ان کي وڌيڪ هوا ڏئي ٿي. اهڙيون سازشي ڪهاڻيون ناهيون وڃن ٿيون جو ملڪ جو عوام ورهائجي وڃي ٿو. مسئلن جو حل تجويز نٿو ڪيو وڃي، رڳو ذميوارن تي بحث جاري رهي ٿو. پنهنجن اڳواڻن کي ارسطو ۽ افلاطون، جڏهن ته ٻين کي راسپوٽين ۽ هٽلر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. خدا جي مخلوق انهن مسئلن هيٺان پيڙهجندي رهي ٿي.

ڪٿان به سٺيون خبرون نٿيون اچن. اسان جا ذهين ۽ ماهر نوجوان هن صورتحال کان گهٻرائي وطن ڇڏيندا پيا وڃن. دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ سٺو ماحول ۽ بهتر علاج سبب ماڻهن جي عمر ڊگهي ٿي وئي آهي ۽ اتي نوجوانن جي کوٽ ٿي وئي آهي. انهن ملڪن کي خبر آهي ته پاڪستان جي تعليم يافته نوجوانن وٽ تيز ذهن آهي ۽ اڻٿڪ نوجوانن وٽ محنت جي طاقت آهي. اهي انهن جو آڌرڀاءُ ڪن ٿا ۽ اهي نوجوان، جيڪي غربت کان تنگ آهن، گهٽ پگهار تي به انهن ملڪن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا.

ايران پنهنجي 86 ورهين جي عظيم رهبر جي شهادت کي قومي حياتيءَ جو نشان بڻائي ڪيس مٽيءَ ماءُ حوالي ڪري چڪو آهي. هاڻي اهو آمريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تازو آهي. پنج ڏينهن جاري رهندڙ ماتمي جلوسن ۾ شرڪت ڪري ايراني قوم پنهنجي حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو آهي ۽ ڪين 70 کان وڌيڪ ملڪن جي اخلاقي حمايت به حاصل ٿي آهي. ٻاهران حملا ڪندڙن ۽ انهن جي ساٿين جي مقابلي لاءِ اندروني اتحاد لازمي هوندو آهي. رياست ۽ ملڪ جي اڪثريت کي هڪ آواز ۽ هڪ خيال هجڻ گهرجي. اسان وٽ 1965ع جي جنگ دوران اهڙا ڏينهن ڏسڻ لاءِ نصيب ٿيا هئا پر پوءِ تاشقند معاهدي ملڪ کي ورهائي ڇڏيو. ان ئي جنگ دوران اوڀر پاڪستان ۾ عدمِ تحفظ جو احساس پيدا ٿيو.

21هين صديءَ ۾ 20هين صديءَ واري مزاحمت ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جا طريقا هاڻي نتيجا نٿا ڏين. هاڻي ماڻهو بهتر ماحول، خيال ڪندڙ حڪمراني ۽ مهربان رياست کي پسند ڪن ٿا، جتي زندگيءَ جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن، هر ماڻهوءَ جي عزت، جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ قانون هجن، جتي امن هجي، ماڻهن جي جهرن تي مرڪ هجي، پرڏيهي ناڻي جا ذخيرا اطمينان بخش هجن. ڪو به بااثر يا خاندان قانون کان مٿانهون نه هجي ۽ سرڪاري ڍانچو جيڪو بلدياتي سطح کان مرڪز تائين وڃي ٿو، هر مرحلي تي سرگرم ۽ متحرڪ هجي ۽ آئين ۽ قانون جي بالادستيءَ کي يقيني بڻائيندي پنهنجا فرض انجام ڏئي.

ڪو به مسئلو انسان کان وڏو ناهي. انسان الله تعاليٰ جي اشرف المخلوقات آهي. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته انسانن وڏن وڏن مسئلن کي ڪاميابيءَ سان حل ڪيو آهي. پر پاڪستان جي تاريخ ان جي ابتڙ رهي آهي. 1953ع ۾ پنجاب ۾ جيڪو شور اٿيو ۽ لاهور ۾ جزوي مارشل لا لاڳو ٿيو، ان بابت پنجاب جي هوم ڊپارٽمينٽ جي رپورٽ ۾ صحيح چيو ته صورتحال تي علائقي جو ايس ڊي ايم ۽ ايس پي ڪنٽرول ڪري سگهي ها. صوبائي ۽ مرڪزي حڪومت کي مداخلت جي ضرورت نه هئي. پاڪستان ۾ هيل تائين، جيڪي بحران، انتشار ۽ سانحا پيش آيا آهن، اهي گهڻو ڪري غير ضروري مداخلت سبب ٿي ٿيا آهن. واڳها کان گوادر تائين هر محب وطن بلوچستان جي واقعن، آزاد جموں ۽ ڪشمير ۾ گذريل ٽيهه ڏينهن کان جاري ڌرڻن سبب پريشان آهي. سوشل ميڊيا تمام سرگرم آهي. وڏي ميڊيا ۽ اخبارون، جيڪي حقيقتون لڪائين ٿيون، اهي هاڻي اسمارٽ فون جي اسڪرين تي ظاهر آهن. راولاڪوٽ، مظفرآباد، ميرپور، ڪوٽلي ۽ ڀمبر جهڙا خوبصورت علائقا، جتي هنن ڏينهن ۾ سڄي پاڪستان مان ماڻهو ايندا هئا ۽ مهمان نواز ڪشميري سندن آڌرڀاءُ ڪندا هئا. هاڻي اتي انٽرنيٽ بند آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ٽيليفون سروس به موجود ناهي. اهي ماڻهو سڄي پاڪستان ۽ دنيا کان ڪٽيل آهن. بلوچستان مان به پريشان ڪندڙ خبرون اچي رهيون آهن؛ نوشڪي، چاغي ۽ تربت مان ڪٿان به سٺيون خبرون نٿيون اچن.

مقامي حڪومتون، بيوروڪريسي ۽ صوبائي حڪومتون ان بابت ڪا واضح راءِ نٿيون ڏين. ملڪ ۾ جمهوري ڍانچو موجود آهي. به ايواني پارليامينٽ، صدر، وزيراعظم، ڪابينا، قومي اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبليون موجود آهن ۽ هر علائقي جا نمائندا به انهن ۾ ويٺل آهن. پوءِ اهو سڄو حڪومتي نظام هن صورتحال تي ضابطو آڻڻ ۾ ڇو ناڪام آهي؟ ملڪ جي پارليامينٽ کي ان تي غور ڪرڻ گهرجي ته سندن ووٽرن ۾ بيچيني ڇو وڌي رهي آهي؟ پارليامينٽ جا ميمبر پنهنجي بحث مباحثي وسيلي ئي هن مسئلي جي پاڙ تائين پهچي سگهن ٿا ۽ تڏهن ئي پارليامينٽ ٻين ادارن کان مٿانهين سڏي سگهجي ٿي.

دروِيش ڌرتيءَ جا اصول!

ڪراچيءَ واري 'سنگت' گذريل گهڻي وقت کان لساني نفرتون پکيڙڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جا زور لڳائي رهي آهي. انهن کي معلوم آهي ته پنهنجي سياست کي فقط اِن هڪ واٽ ذريعي ئي بچائي سگهجي ٿو. پر سمورين ڪوششن باوجود سنڌ ڪُر پير نه لڳي رهيو آهي. ممڪن آهي ته ماڻهو هُنن جي انهيءَ چال کي سمجهي ويا هُجن، جو ته لڳ ڀڳ پنجٽيهه ورهين کان سنڌي تُوڙي اڻسنڌيءَ ريت هر دور جي حڪومت ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهندا اچن پيا، پوءِ ڪڏهن سنڌ پنج ئي آڱريون سٺيون ٿين ٿيون ته ڪڏهن ڪين آسرن ۾ رکيو وڃي ٿو.

اِن ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌ هڪ هٿيءَ کي پي ٽي آءِ وارن توڙيو هو. سنڌ ٿي نوجوانن جو وڏو انگ هُنن جي سياسي سحر مان نڪري پي ٽي آءِ جي پٺيان لڳو هو. اهي نوجوان ايتري ته گهڻائيءَ ۾ هُئا جو انهن کي ڊيڄارڻ وارا عنصر پاڻ ڊڄي پوئتي هٽي ويا هُئا. جيڪڏهن پي ٽي آءِ جي قيادت پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو نه وهائي ها ته هوند ڪراچي جو اڪثريت سنڌ سگهه بڻجي پوي ها. پر چوندا آهن ته ڏئي يا ته مينهن جهلي يا سيٺ! پيو ته سياست جي هوا هر ڪنهن کي راس ناهي ايندي، بلڪ گهڻن جو ئي مٿو ڦيري ڇڏيندي آهي. جيئن اڄ سنڌ جي حڪمرانن اندر ڏٺو پيو وڃي. انهن تي لوڀ ايتري ته حاوي ٿي وئي آهي جو سياسي اصول، آدرش توڙي ماضيءَ جا سڀئي واعدا انهن پٺيءَ پر اڇلائي ڇڏيا آهن ۽ سموريون صلاحيتون مالُ ميڙڻ، پنهنجا نوازڻ ۽ زمينون والارڻ تي خرچ ٿي رهيون آهن. انهيءَ هيج هُنن کان اِهو به وساري ڇڏيو آهي ته هڪ ڏينهن سڀ ڪجهه هُنن کي هٿن ئي ڇڏي وڃڻو آهي. ماضيءَ ۾ جن حڪمرانن قلعا، ڪوٽ ۽ محل اڏرايا هُئا، اُهي پاڻ هٿين خالي هليا ويا ۽ سندن پونئيرن جي هٿ به ڪي گهڻو ڪجهه نه آيو. بلڪ پنهنجي بقا لاءِ هٿوراڙيون هڻندا رهيا. مون اڳ ۾ به گهڻن هنڌن تي لکيو آهي ته هيءَ دروِيش ڌرتي آهي، هِن جو وهنوار باقي ديسن کان مختلف رهيو آهي. هِن ڌرتيءَ اُنهن کي سڀ ڪجهه آڇيو آهي جن هِن ڌرتيءَ کي پنهنجايو ۽ اُن سان پيار ڪيو آهي، اُن جي ابتڙ جنهن به هِن ڌرتيءَ سان اڃايو آهي، اُن جو نانءُ نشان ئي باقي ناهي رهيو. مڪليءَ جو قبرستان اُن جو سڀ کان وڏو مثال آهي، جتي ارغون ۽ ترخان حڪمران مدفون آهن. سندن عاليشان مقبرن مان ئي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اُنهن جا رهائشي محل ڪيترا نه حسين هوندا. پر اڄ ڪٿي ڪنهن کي اُنهن جو ڪو محل سُجهي ٿو؟ مقبرا به اِن لاءِ محفوظ رهيا جو هتان جو ماڻهو قبرن جي بيحرمتيءَ جو قائل ناهي رهيو. اِهو به اڪثر مثال ڏيندو رهيو آهيان ته مرونڊ مان جيڪو مسافر هليو هو، جنهن ايران، عراق ۽ افغانستان لتاڙي جڏهن هِن ڌرتيءَ تي پير پاتو ته هتان جي ماڻهن اُن کي لعل بڻائي ڇڏيو. اِئين هرات مان آيل خاندان جي فردن جڏهن هِن ڌرتيءَ کي ئي پنهنجو مسڪن بڻايو ته آهي هِن ڏيهه جي ماڻهن لاءِ گهوٽ بڻجي ويا. اُن جي ابتڙ جيڪي هِن ڌرتيءَ جا مخالف رهيا، اُنهن جا لاش ڪڏهن آسمان ۾ تحليل ٿي ويا ته ڪڏهن اڇوتين بيمارين جي وَر چڙهي ويا. چوڻ جو مطلب ته جيڪو هِن ڌرتيءَ کي پنهنجو نه ڪندو، اُهو هِن ڌرتيءَ تي هميشه ڌاريو يا مهاجر بڻجي رهندو ۽ جيڪو حڪمران هِن ڌرتيءَ جي خدمت بجاءِ لوڀ ۽ لالچ کي ڪُل حاصلات سمجهندو، تنهن جا اڳيان هلي نسل به لوڙهيندا. تنهن ڪري اُنهن حڪمرانن کي سوچڻ گهرجي ته جيڪڏهن اُهي پنهنجن نسلن جي بقا چاهين ٿا ته پوءِ هِن ڌرتيءَ جو ضرور حق ادا ڪن. پنهنجا نوازڻ بجاءِ انصاف کي اهميت ڏين اِن ۾ سنڌ ايندڙ نسلن جي ڀلائي آهي. باقي "ڌريان ئي ڌاريا، مِٽ مَٽيءَ جا نه ٿيا" وارو سبق سهڻو لطيف سيکاريو ويو آهي. تنهن ڳالهه کي سنڌ ماڻهو پنهنجي هنيانءَ سان هنڊائين (سرمد منصور)

ٻيراڙوءَ ۾ حوا ڄاين جي احتجاجي ڪئمپ: سنڌ جو شعور خاموش ڇو آهي؟

ايڊووڪيٽ عبيدالله چنڙ

مختلف وقتن تي سنڌ مان اغوا ٿيندڙ معصوم ٻارڙن جي بازيابيءَ لاءِ جڏهن ڪا تحريڪ هلندي آهي ته حڪومت پاران ڪنهن تحرڪ ۾ اچڻ ڪانپوءِ ڪي جاچ ٽيمون جوڙيون وينديون آهن. نتيجي طور پاڻ اهو به ڏٺو ته اڄ سوڊو ڪنهن به جاچ ٽيم کو مثبت نتيجو ڪونه ڏنو آهي. سکر جي سنگرار مان اغوا ٿيل معصوم پريا ڪماري ۽ ٺل جي نياڻي فضيلا سرڪيءَ جي اغوا ڪانپوءِ نه رڳو وارثن پاران ان وقت سپريم ڪورٽ اندر آئيني پٽيشن داخل ڪئي هئي پر وقت جي رفتار سان فضيلا جي بازيابيءَ لاءِ ڪيترين ئي جي آءِ ٽيز جوڙيون ويون پر ڪوبه نتيجو ڪونه نڪتو ورهين گذرڻ باوجود اڄ تائين فضيلا سرڪي جا والدين نياڻيءَ جي بازيابيءَ لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن. هن وقت جيتوڻيڪ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مجموعي طور ڪي ٻارڙن ٻار اغوا ٿيل آهن. جن جو ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي. پريا ايڪشن ڪاميٽي طرفان گذريل اڌ مهيني کان جيڪا احتجاجي ڪئمپ لڳائي وئي آهي ۽ ٻارن جي بازيابيءَ جي گهر ڪئي پئي وڃي. ڏٺو وڃي ته اها تحريڪ هن وقت ڏينهون ڏينهن وڌيڪ منظم ٿيڻ ڪانپوءِ هن لڳ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ نه رڳو مغوي ٻارڙن جا والدين پر مختلف تنظيمن سان تعلق رکندڙ مقامي سياسي، سماجي ۽ مذهبي ڌرين جا اڳواڻ انهيءَ احتجاجي ڪئمپ ۾ ويٺل نظر اچي رهيا آهن.

هتي جيڪڏهن سوشل ميڊيا جي خبرن طرف هلجي ٿو ته اتي پريا ۽ فضيلا سرڪي واقعن پٺيان مختلف تبصرا ۽ خبرون پڙهڻ ۾ اچن ٿيون پر حقيقي طور ڏسجي ته اهڙن واقعن جي جيڪا اصل ڄاڻ والدين کي هوندي آهي، شايد ٻئي ڪنهن طرف وڃڻ وقت جو ضايع هوندو. سنڌ پوليس جي ذميوار عملدارن پاران جيڪو مؤقف ڏنو ويو آهي، تنهن ڪانپوءِ گهرو کاتي هن وقت هڪ نئين جي آءِ ٽي به جوڙي آهي، جنهن ۾ نه رڳو پوليس جا اعليٰ عملدار پر گڏوگڏ حساس ادارن جا ذميوار عملدار به اهڙي جي آءِ ٽي ۾ شامل ڪيا ويا آهن. گهرو کاتي پاران جوڙيل نئين جي آءِ ٽي جي ڪارڪردگي به ايندڙ وقت ۾ سامهون ايندي، جنهن بابت نيڪ تمنائن لاءِ خواهشمند رهجي هتي پاڻ جيڪڏهن ڳالهه ٿا ڪريون انهيءَ گذريل اڌ مهيني کان لڳل احتجاجي ڪئمپ جي حوالي سان ته هيترو وقت گذرڻ باوجود هتان جو ڪو به چونڊيل توڙي حڪومت ۾ شامل نمائندو يا پوليس کاتي جي اعليٰ عملدارن مان ڪو به ذميوار اهڙي نازڪ اِشو جي احتجاجي ڪئمپ تي نظر ڪونه ٿو اچي يقيناً ڪيتري نه بي حسيءَ جي ڳالهه چئي سگهجي ٿي جو موجوده شديد گرمي هوندي گڏوگڏ آهي محترم والدين پنهنجون خالي جهوليون جهلي اهڙي ماحول ۾ مسلسل پنهنجن ٻچڙن جي واپسيءَ لاءِ گهر ڪري رهيا آهن پر اتي نه رڳو سنڌ حڪومت پر وفاقي حڪومت جا ذميوار نمائنده به گم هجن ۽ ايندڙ ٻن سالن ڪانپوءِ اِهي ساڳيا سياسي نمائنده وري به انهن مغوين جي وارثن وٽ هوندا ۽ پوءِ خبر ناهي ته ڪهڙي صورت ۾ عوام اڳيان ويهي آهي ٿي خبرون هلنديون. جيڪي پاڻ ماضيءَ کان ٻڌندا پيا اچون.

اڄ سنڌ جو ماڻهو انتهائي مايوس ڪندڙ حالتن مان گذري رهيو آهي. ڪٿي اغوا، قتل، ڦرون ته وري سالن کان ديرا ڄمائي رهندڙ مهانگائي ته گڏوگڏ بيروزگاري جو ته ذڪر به نه ٿو ڪري سگهجي ماضيءَ ۾ جيڪي نوجوان بيروزگاري سبب ڪنهن انڊسٽريز ايريا يا وري اين جي اوز وغيره ۾ روزگار ڪندا هئا، هاڻ ته اتي به انهن سياسي ماڻهن جو اثر رسوخ هجڻ ڪانپوءِ ڪنهن اين جي اوز وغيره ۾ به ڪا پرائيويٽ نوڪري ملڻ مشڪل ٿي چڪي آهي سنڌ جو ڏتڙيل ماڻهو جيڪو اهڙين حالتن ڪانپوءِ سرڪاري روزگار ته وساري ويٺو آهي، هاڻ جيڪڏهن زراعت جو ذڪر ڪجي ته ان مٿان به حڪمرانن جي ميري اک نظر اچي ٿي.

اسان وٽ لکين نوجوان روزگار خاطر چڪر ڪاٽي ڪاٽي پنهنجون عمريون به وڃائي ويٺا آهن. خير پاڻ وقت جي حڪومت کي ڪهڙي ويهي معيار ڏيون، جو ته انهن ڌرين کي سنڌ جي ماڻهن سان جيڪو اندروني ۽ اصلوڪي وير آهي سو غريب جي ٻار اندر جيڪا قابليت نظر اچي ٿي، سا انهن کان ڪنهن به قيمت ۾ هضم نه ٿي ٿئي پاڻ رڳو هتي ويهي سوچيون ته اڄ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن اندر جيڪو ڪجهه وهي واپرجي پيو، تنهن جا پانڌا به گذريل وقت ۾ ڪيترا ئي پيرا سامهون آيا آهن پر انهن ذميوارن خلاف اڄ سوڊو سوا ڪنهن انڪوائري ڪرڻ باقي سنڌن جي ڪنن مٿان جوئڻ به ڪونه سُري. بهرحال اهو الڳ اِشو آهي. پاڻ ذڪر پئي ڪيو ته اڄ سنڌ جو ماڻهو ائين لاوارث ڇو بڻيل آهي يا بڻايو ويو آهي؟ جيئن دنيا جي انهن ڏتڙيل ملڪن جا ماڻهو بي يارو مددگار ٻڏا ويندا آهن. جتي پاڻ فلسطين توڙي جو ٻين ملڪن جون حالتون به هر اڪ اڳيان سامهون نظر اچن پيون.

سنڌ ۽ هتان جا اصلوڪا رهواسي يقيناً گهڻن رُخين مشڪلاتي مرحلن مان گذري وڏن امتحانن کي منهن ڏئي رهيا آهن خاص طور تي سنڌ ۾ رهندڙ هندو برادريءَ کي سازش تحت نشاني تي رکيو ويو آهي غوثپور جيڪو ڪشمور ضلعي جو هڪ ڪاروباري ۽ مرڪزي شهر آهي، هتان جون خبرون آيل آهن ته اتي جا هندو ڪاروباري ماڻهو روزانو رات ۽ ڏينهن احتجاج ڪري امن جي التجا ڪري رهيا آهن اهڙي ريت ڪنڌڪوٽ، ڪشمور توڙي ٻين ننڍين وڏن شهرن اندر به ڳڻتيءَ جوڳي صورتحال آهي هتي جا اهي ڪاروباري هندو پاڻ سخت مشڪلاتي حالتن کي منهن ڏيندي سنڌ حڪومت کان بدامنيءَ جي خاتمي لاءِ گهر ڪري رهيا آهن سکر جي سنگرار مان اغوا ٿيل پريا ڪماري توڙي دادو ضلعي جي ميهڙ مان ڪنهي گم ڪيل ٻارڙي اجالا سولنگي سميت مڙني معصومن جي بازيابيءَ لاءِ جيتوڻيڪ آئيني ۽ قانوني حق استعمال ڪندي مسلسل احتجاج ڪيو پيو وڃي حڪومتي ذميوارن ۽ پوليس جي ڪن لاءِ ته هر باضمير جي اکين اڳيان آهي. جتي ڪوبه نمائندو انهن لڙڪ لاڙيندڙ والدين وٽ وڃڻ لاءِ تيار نه آهي باقي رڳو خانا پوري ڪرڻ لاءِ هڪ جي آءِ ٽي جوڙي ڪين ٻارن جي بازيابيءَ جو آسرو ڏنو پيو وڃي سکر-ٻيراڙوءَ وٽ اڄ جون جيڪي احتجاجي حالتون آهن انهن لاءِ سنڌ جي باشعور عوام کي گهرجي ته اها موجوده صورتحال ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ اهڙي ڪئمپ کي وڌيڪ منظم بڻائي انهن معصومن جي بازيابيءَ لاءِ هڪ سگهارو آواز بڻجي. جيڪو هن وقت ضرورت جو محتاج آهي

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

سَچو صَافُ نہ اُڀِرِي، سَرِلِي وِڄَان سِڄَ،
مُنهِن ڇَڙِهِئو مَاڻُهِن کي، ڏِي وَاڏَيُون وِڄَ،
هِينئَڙا ڪَپُ مَ ڪِڄَ، سِگها مِلَنڊَئي سُپِرين.

آسمان ڪڪرن يا جهڙ سان اهڙو ڍڪيل جو انهن مان سج به نظر نه پيو اچي ڪنوڻ جا تجلا اهڙا آهن جو ماڻهن جو اکيون ئي پورجيو وڃن. اي اياڻي دل تون اجايو پئي بيزار ٿيين، اِجهو ڪي اِجهو سڄڻ پهچڻ وارا آٿئي!! لطيف سائينءَ جيڪو بي پهچ پورهيت دلين جو ترجمان آهي، انهن آسرونڊ ۽ اڪنڊين دلين جي ڪيفيت ٿو ٻڌائي، جيڪي پنهنجي سڄڻن سان ملڻ لاءِ بيتاب آهن، جو ته اهي وسڪاري واري منڊ ۾ موٽندا آهن تنهن ڪري سندن من اندر ۾ ابهرائي اٿن ته ڪڏهن مينهن وسندو، ڪڏهن اهڙو ڏينهن ايندو جو منهنجا پرين موٽ وٽ پهچندا!؟ تن دلين دلاسو ڏيندي چئين پيو ته ڇو مانديون ٿيون آهيو؟ ڏسو نه پيون ته ڪارو ڪارنڀار جهڙ ٿيو بيٺو آهي جنهن مان سج به ظاهر نه پيو ٿئي ۽ وچ اهڙا وراڪا ۽ تجلا پئي ڏي جو ان سامهون اکيون ئي نه ٿيون پٽجن. پنهنجي دل، من شانت رکو اجائي بڇان ۽ بيزاري نه ڪريو، سگهوئي سڄڻ ملڻ وارا آهن

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

تاريخ، تحقيق ۽ تعليمي شعور جو سنگم 'ڪرونڊيءَ جا تعليمي ادارا'

رياض احمد

(حصو ٻيو ۽ آخري)

ڪنهن به تاريخي ڪتاب جي اهميت رڳو ان ڳالهه سان نه پرکبي آهي ته ان ۾ ڪيتري معلومات موجود آهي پر ان سان به ته اها معلومات ڪهڙن ذريعن مان حاصل ڪئي وئي، ان جي تصديق ڪيئن ڪئي وئي ۽ ان کي ڪهڙي علمي ترتيب سان پيش ڪيو ويو آهي تاريخ نويسيءَ ۾ مواد گڏ ڪرڻ پهريون مرحلو هوندو آهي جڏهن ته ان جي ڇنڊڇاڻ، ترتيب ۽ تجزيو اصل تحقيق جو ڪم هوندو آهي رياض احمد سومرو جي تصنيف 'ڪرونڊيءَ جا تعليمي ادارا' هن معيار تي پوري لهندي نظر اچي ٿي ڪتاب محض يادگيرين يا ذاتي مشاهدن جو مجموعو نه پر ميداني تحقيق، سرڪاري رڪارڊ، مقامي روايتن ۽ تاريخي مواد جي بنياد تي تيار ڪيل هڪ سنجيده علمي ڪوشش آهي سنڌ ۾ مقامي تاريخ بابت لکيل ڪيترائي ڪتاب اڳ ۾ موجود مواد جي ورجاءَ تي ٻڌل هوندا آهن جنهن سبب نئين معلومات گهٽ سامهون ايندي آهي ان جي ابتڙ هن ڪتاب مان ظاهر ٿئي ٿو ته ليکڪ لائبريرين تائين محدود رهڻ بدران ميدان ۾ وڃي اسڪولن جا رجسٽر ڏٺا، پراڻيون تصويرون گڏ ڪيون، استادن، شاگردن ۽ مقامي شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون ۽ انهن ذريعن کي گڏ ڪري هڪ مربوط تاريخي بيان ترتيب ڏنو.

مقامي تاريخ جي حوالي سان اهڙي ميداني تحقيق وڏي اهميت رکي ٿي ڇاڪاڻ ته ان قسم جو گهڻو مواد ڪنهن سرڪاري آرڪائيو ۾ محفوظ نه هوندو آهي ڪتاب جي هڪ نمايان خوبي اها آهي ته تعليمي ادارن جي قيام، انتظامي تبديلين ۽ تعليمي ارتقا بابت دستاويزي معلومات مهيا ڪئي وئي آهي سنڌ جي تعليمي نظام ۾ ايندڙ تبديلين کي ڪرونڊي جي تعليمي ترقي سان ڳنڍي پيش ڪرڻ پڙهندڙ کي واقعا سمجهڻ سان گڏ انهن جو پسمنظر به مهيا ڪري ٿو ساڳئي وقت، ليکڪ زباني تاريخ مان به ڀرپور فائدو ورتو آهي بزرگ استادن، اڳوڻن شاگردن ۽ مقامي شخصيتن جون يادگيريون گڏ ڪري انهن کي ڪتابي صورت ڏني وئي آهي جديد تاريخ نويسيءَ ۾ زباني روايتن کي وڏي اهميت حاصل آهي خاص طور انهن سماجن ۾ جتي لکيل رڪارڊ محدود هجي البته علمي لحاظ کان اهو ضروري آهي ته اهڙين روايتن کي ممڪن حد تائين سرڪاري دستاويزن، اخبارن ۽ ٻين شاهدين سان ڀيٽيو وڃي جيڪڏهن ايندڙ ايڊيشن ۾ اهڙي تقابلي تصديق کي وڌيڪ جاءِ ڏني وڃي ته ڪتاب جي تحقيقي حيثيت وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي ٿي

ڪتاب جي ترتيب منطقي ۽ مرحليوار آهي ليکڪ علمي تعليمي پسمنظر کان شروع ڪري سنڌ، پاڪستان ۽ پوءِ ڪرونڊي تائين پهچي ٿو ليکڪ جو اهو انداز پڙهندڙ کي موضوع جي وسعت جو احساس ڏياري ٿو جيتوڻيڪ ڪجهه هنڌن تي علمي تاريخ جو حصو نسبتاً ڊگهو محسوس ٿئي ٿو ۽ مقامي تحقيق کي وڌيڪ جاءِ ڏيڻ سان مرڪزي موضوع وڌيڪ نمايان ٿي سگهي ٿو هن ڪتاب جي سڀ کان اهم خصوصيت اها آهي ته ليکڪ تعليم کي صرف ادارن جي تاريخ طور پيش نٿو ڪري پر ان کي سماجي تبديلي، عورتن جي تعليم، مقامي قيادت ۽ اجتماعي شعور سان ڳنڍي ٿو ورنيڪيولر اسڪول کان جديد ڪيمپس اسڪول تائين سفر کي به وسيع سماجي تناظر ۾ بيان ڪيو ويو آهي هڪ تحقيقي ڪتاب لاءِ غيرجانبداري بنيادي شرط هوندي آهي رياض احمد سومرو پنهنجي علائقي سان جذباتي وابستگي ضرور رکي ٿو پر گهڻي ڀاڱي هو جذبات کي تحقيق تي غالب اچڻ نٿو ڏئي جتي تعليمي نظام جون خاميون آهن اتي انهن جي نشاندهي به ڪري ٿو ۽ جتي سرڪاري پاليسين ۾ ڪمزوريون آهن اتي تنقيد ڪرڻ کان به نه ڪيٻائي ٿو.

ڪتاب جي ٻولي سادي، روان ۽ علمي وقار سان ڀرپور آهي ته اها ايتري ڏکي آهي جو عام پڙهندڙ سمجهي نه سگهي ۽ نه ئي ايتري عاميانه جو علمي حيثيت متاثر ٿئي پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته ليکڪ جو مقصد پنهنجي علم جو اظهار نه پر پڙهندڙ تائين علم پهچائڻ آهي ساڳئي وقت، تاريخي تسلسل به گهڻي حد تائين برقرار رکيو ويو آهي جنهن سبب هڪ دور کان ٻئي دور تائين سفر پڙهندڙ لاءِ آسان بڻجي وڃي ٿو البته، ڪجهه بابن ۾ مواد جي گهڻائي سبب ذيلي عنوانن جي وڌيڪ ضرورت محسوس ٿئي ٿي هيءُ ڪتاب رڳو عمارتن، تاريخن ۽ حڪمنامن جو رڪارڊ ناهي بلڪ استادن، شاگردن، سماجي ڪارڪنن ۽ مقامي شخصيتن کي تاريخ جي مرڪز ۾ آڻي ٿو جديد تاريخ نويسيءَ جو به اهو ئي اصول آهي ته ادارا انسانن کان سواءِ بي معنيٰ آهن ڪتاب ۾ شامل تصويرون به رڳو سينگار لاءِ نه پر تاريخي شاهد طور شامل ڪيون ويون آهن پراڻيون اسڪولي عمارتون، اجتماعي تصويرون ۽ دستاويزي تقلون ڪتاب جي ساک کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون جيڪڏهن ايندڙ ايڊيشن ۾ تصويرن سان گڏ مختصر وضاحتون، سال ۽ ماخذ پڻ شامل ڪيا وڃن ته انهن جي علمي اهميت وڌيڪ وڌي ويندي، ليکڪ ڪيترن ئي هنڌن تي ذاتي يادگيرين، ڳالهائين ۽ ري يونين جي احوال کي به شامل ڪيو آهي ڪجهه نقاد شايد ان کي روايتي تاريخ کان هٽي سمجهن پر جديد تاريخ نويسيءَ ۾ اجتماعي يادگيرين کي اهم حيثيت حاصل آهي مثال طور 1989ع جي بيچ جي ري يونين بابت باب صرف هڪ تقريب جو احوال نه پر هڪ نسل جي سماجي ۽ نفسياتي سفر جو رڪارڊ آهي 323 صفحن جي ڪتاب لاءِ شخصيتن، ادارن ۽ هنڌن جو الفابيٽيڪل انڊيڪس به هڪ ضروري اضافو هوندو، جيڪو خاص طور محققن لاءِ وڏي سهولت فراهم ڪندو ان کان علاوه شارياتي جدولون، نقشا ۽ ٽائيم لائينون ڪتاب کي جديد تحقيقي معيارن سان وڌيڪ هم آهنگ بڻائي سگهن ٿيون ڪتاب پڙهندي محسوس ٿئي ٿو ته ليکڪ وٽ اڃا به وڏي مقدار ۾ مواد موجود آهي جيڪو الڳ جلدن جي صورت ۾ سامهون اچي سگهي ٿو مثال طور ڪرونڊي جي ادبي تاريخ، سماجي تاريخ، مشهور شخصيتن ۽ ثقافتي ورثي تي الڳ ڪتاب تيار ٿي سگهن ٿا، جيڪي گڏجي هڪ مڪمل انسائيڪلوپيڊيا جي صورت اختيار ڪري سگهن ٿا.

'ڪرونڊيءَ جا تعليمي ادارا' صرف هڪ ڪتاب نه پر هڪ فڪري دعوت آهي اهو سنڌ جي ٻين علائقن جي محققن، استادن ۽ ليکڪن کي اهو احساس ڏياري ٿو ته جيڪڏهن هو اڄ پنهنجي علائقي جي تعليمي ۽ سماجي تاريخ محفوظ نه ڪندا ته اهو مواد هميشه لاءِ گم ٿي سگهي ٿو رياض احمد سومرو پنهنجي تحقيق وسيلي اهو ثابت ڪيو آهي ته تاريخ رڳو وڏن شهرن جي آرڪائيوز ۾ نه پر ننڍين ڳوٺن جي اسڪولن، استادن، شاگردن، رجسٽرن، تصويرن ۽ ماڻهن جي يادگيرين ۾ به زنده هوندي آهي

اڄوڪو ڏينهن ---- 13 جولاءِ

تولارام عاجز

تولارام عاجز پنهنجي دور جو هڪ نليوارو صحافي ليکڪ، شاعر، ناٽڪ نويس ۽ ڪلاڪار هو هو 1884ع ڌاري نوشهرو فيروز ۾ مينگهراج ٻالاڻيءَ جي گهر ۾ ڄائو جيتوڻيڪ هو فقط ڇهه درجا پڙهيو پر سنڌي، انگريزي ۽ فارسي ٻولين جي چڱي ڄاڻ حاصل هئس هن Voice of Sindh نالي انگريزي ۾ ۽ صداءِ سنڌ نالي سنڌيءَ ۾ اخبار جاري ڪئي پر انگريز سرڪار خلاف آواز اٿارڻ سبب ٻنهي اخبارن تي بندش وڌي وئي ان بعد هن ديش ماتا ۽ سنڌ شيوڪ نالي اخبارون جاري ڪيون هن نه صرف اسٽيج ڊراما لکيا، بلڪ پاڻ به اسٽيج ڊرامن ۾ اداڪاري ڪيائين هو هڪ سٺو شاعر ۽ نثر نويس پڻ هو هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "جيءَ اندر جنگ" (شعري مجموعو)، "گيان گلزار" (شعري مجموعو)، "ڏاڍائي نوروزجي"، "مينهن جي رنگ سان تينهن جي جنگ"، "جيءَ اندر جنگ"، "ٻلڪن جو ٻل"، "عاجز جا آلاپ" (شاعري)، "ڪرم چڪر" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هو هڪ چڱو راڳي پڻ هو 13 جولاءِ 1913ع تي سندس حياتيءَ جو سفر پورو ٿيو

پروفيسر سليم سهتو

هن نليواري تعليمي ماهر، ليکڪ ۽ سنڌيڪار جو جنم 13 جولاءِ 1954ع تي دادوءَ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ ۽ انٽرجا امتحان ترتيبوار اين جي وي گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيا اڳتي هلي ايم اي (سنڌي) جي سند ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين هن ٽيهه سال ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ هڪ استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون پاڻ ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري جي ساليانو مئگزين جي سنڌي سيڪشن جو لڳ ڀڳ 20 سال نگران رهيو 1977ع کان 1983ع تائين ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي پروگرام بزم طلبه جو ڪمپيئر رهيو هن 1975ع کان لکڻ شروع ڪيو سندس مضمون، ڪهاڻيون، شاعري ۽ ٻيون لکڻيون سنڌ جي مختلف رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻجنديون رهيون آهن هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "خوابن جو سير" (ترجمو) ۽ "ٻه اکر" (نوليٽ) شامل آهن

عبدالرزاق ميمڻ

عبدالرزاق ميمڻ جو شمار سنڌ جي نليوارن مضمون نگارن ۽ ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1961ع ۾ مٽياريءَ ۾ ولي محمد ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو مئٽرڪ تائين مٽياريءَ ۾ پڙهيو ٻارهين ڪلاس جو امتحان سچل ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين ان کان علاوه علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ مان بي ٽي سي ۽ بي ايڊ ڪيائين اسڪول جي استاد جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين عبدالرزاق ميمڻ ننڍي هوندي کان ئي لکڻ جي شروعات ڪئي شاگرديءَ واري زماني ۾ سندس لکڻيون گل ڦل رسالي ۽ هلال پاڪستان ۾ ڇپيون ان کان پوءِ به هن جا مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا هن سنڌي ادبي سنگت جي مٽياري شاخ جي سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪيو

تانيا سليم

اڄ مشهور ليکڪا ۽ شاعره تانيا سليم جي سالگرهه جو ڏينهن آهي تانيا جو جنم 13 جولاءِ 1969ع تي ٿيو هوءَ مشهور سياستدان رسول بخش پليجي ۽ مشهور ليکڪا تسنيم ٿيٻو جي نياڻي آهي هن مهراڻ يونيورسٽيءَ جي اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات مهراڻ يونيورسٽيءَ جي ساڳئي شعبي ۾ ليڪچرار طور ڪيائين ۽ اڳتي هلي اسسٽنٽ پروفيسر جو عهدو ماڻيائين بعد ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ مان استعيفا ڏئي مختلف اين جي اوز ۾ ڪم ڪيائين هن ننڍي هوندي کان ئي لکڻ شروع ڪيو سندس پهرين ڪهاڻي "گول قبرستان" آرسي رسالي ۾ شايع ٿي شروع ۾ تانيا ٿيٻو ۽ تانيا پليجو جي نالي سان لکندي هئي شاديءَ کان پوءِ تانيا سليم جي نالي سان لکي رهي آهي هوءَ ڪهاڻيڪاره سان گڏ هڪ بهترين شاعره پڻ آهي سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪري رهي آهي هن جي شاعريءَ جو ڪتاب "تما شام" 2016ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو

شهناز راڄپر

مشهور ريڊيو ڪمپيئر شهناز راڄپر جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1975ع ۾ خيرپور ميرس جي ڳوٺ ٻسيرو ۾ ٿيو هن ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪري پنهنجي فني زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو پنهنجي زندگيءَ جي آخري چئن سالن دوران هوءَ ايف ايم 92 نوري آباد تي ڪمپيئر طور پنهنجي آواز جو جادو جاڳائيندي رهي 4 اپريل 2009ع تي هڪ روڊ حادثي ۾ سخت زخمي ٿي پئي ۽ آخرڪار 28 اپريل 2009ع تي زخمن جا تاب نه سهندي پنهنجي زندگيءَ جي جنگ هارائي ويٺي

احمد خان آصف مصراڻي

اڄ مشهور شاعر ۽ نثر نويس احمد خان آصف جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن نليواري اديب جو جنم 8 جولاءِ 1922ع تي ضلعي دادو تعلقي خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ مڇي ٻهر ۾ ٿيو هن سنڌي فائنل، اديب عالم ۽ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪيا ۽ پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي هن سڄي عمر قوم جي نونهالن کي علم جي زيور سان آراسته ڪيو ۽ هيڊماسٽر طور رٽائر ٿيو احمد خان آصف کي ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق هو حافظ محمد احسن چنه ۽ جمعي خان غريب جي ادبي سرپرستيءَ ۽ صحبت هن جي شاعريءَ کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هن کي علمِ عروض جي به وڏي ڄاڻ حاصل هئي شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "ارمغان آصف"، "سيرت خواجه اويس قرني"، "سيرت زيب النساءِ"، "همايون نامون"، "گلزار چنبيلي"، "بي حال شهزاديون" ۽ "روميءَ جون رهاڻيون" شامل آهن ان کان علاوه ٻارڙن لاءِ "ٻاراڻا ٻول" نالي سان ڇهه ڪتابڙا به لکيائين هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو ميمبر هو، جن ۾ "انجمن آفتاب دادو"، "جميعت الشعراءِ سنڌ"، "سنڌ سڌار سوسائٽي ڪڪڙ" ۽ "بزم طلب المولي" شامل آهن 13 جولاءِ 1999ع تي ڌاڙيلن سندس گهر تي حملو ڪيو، جنهن ۾ پنهنجي پٽ سميت شهيد ٿي ويو.

مختيار اثر

ناظم منگي



سنڌ جي هن سرموڙ شاعر 10 آڪٽوبر 1939ع تي ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ ٽڙيءَ محبت ۾ اکيون کوليون سندس ڄڻيءَ جو نالو امان الله ولد محمد بچل منگي هو هن پرائمري تعليم ڏوڪري تعلقي جي ڳوٺ ٽئين گڏ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪريءَ مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين هن زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ طور نوڪري ڪئي ۽ وفات کان ڪجهه عرصو پهريائين رٽائر ٿيو هن ننڍي هوندي کان ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي خاص طور تي غزل سندس من پسند صنف هئي شاعريءَ ۾ احمد خان آصف کي پنهنجو استاد مڃيندو هو هن 13 جولاءِ 1998ع تي شام جو چئين وڳي لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو ٽڙيءَ محبت جي اديبن سندس ياد ۾ "ناظم يادگار ڪميٽي" قائم ڪئي سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا "داستان محبت" ۽ "سنڌوءَ جوليون" ڇپجي چڪا آهن

فاروق سولنگي

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس فاروق سولنگيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن 10 نومبر 1947ع تي دادو شهر ۾ اکيون کوليون هن بي اي تائين تعليم دادوءَ ۾ حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سوشالاجيءَ ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات سوشل ويلفيئر کاتي جي هڪ آفيسر طور ڪيائين اڳتي هلي اها نوڪري ڇڏي ٺيڪيداري ڪرڻ شروع ڪيائين عمر جا پڇاڙڪا ڏينهن حيدرآباد ۾ گذاريائين هو شروع ۾ هڪ ڪهاڻيڪار طور ادبي افق تي اڀريو سندس بهترين ڪهاڻي مشهور ادبي رسالي سهڻيءَ ۾ شايع ٿي اڳتي هلي ڊراما لکڻ شروع ڪيائين سندس ڪيترائي سنڌي ۽ اردو ڊراما پاڪستان ٽيليويزن ذريعي ڏسندڙن تائين پهتا سندس ڪهاڻين جو مجموعو "سرد هوائون" ۽ ناول "وکريل ماڻهو" ڇپيل آهي هن 13 جولاءِ 2009ع تي هن دنيا مان موڪلايو

ارشاد ڪاغذي



اڄ مشهور ڪالم نگار، ليکڪ، سماج سڌارڪ ۽ ڪرڪيٽر ارشاد ڪاغذيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 11 جولاءِ 1955ع تي شڪارپور ۾ ٿيو سياسي طور تي عوامي تحريڪ سان واڳيل رهيو هو هڪ بهترين ڪالم نگار هو هن جا ڪيترائي ڪالم "روزاني عبرت" سميت مختلف اخبارن ۾ ڇپيا هو پنهنجي شهر جو هڪ بهترين ڪرڪيٽر پڻ هو سندس پٽ بلال ارشاد ڪاغذي به پنهنجي پيءَ وانگيان هڪ سٺو ڪرڪيٽر آهي هن 13 جولاءِ 2018ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

روبينه قريشي

اڄ سنڌ جي مشهور گلوڪاره روبينه قريشيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن نليواري گلوڪاره جو اصل نالو عائشه شيخ هو ۽ هن جي والد جو نالو الاهي بخش شيخ هو هن جو جنم 19 آڪٽوبر 1940ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق هئس هوءَ اسڪول جي تقريبن ۾ شوق سان ڳائيندي هئي مشهور تعليمي ماهر ۽ موسيقيءَ جي پارکو دادي ليلاوتيءَ هن جي ڳائڻ ۾ گهڻي حوصلا افزائي ڪئي 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو قيام عمل ۾ آيو هوءَ اڃا نائين ڪلاس جي شاگرديائي هئي جڏهن آڊيشن ڏيڻ لاءِ ريڊيو تي پهچي وئي ۽ پهرين ئي ڪوشش ۾ آڊيشن پاس ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هن جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل شاهه سائينءَ جي وائي "پيرين پونديس سان چوندي سان، رهي وڃ رات پنهور ۾" جڏهن ريڊيو تان پهريون پيرو نشر ٿي ته هر طرف واهه واهه مچي وئي ۽ هن جو نالو سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو ان بعد هن جي آواز ۾ سون جي تعداد ۾ شاهه سائينءَ ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام رڪارڊ ٿيا هن ڪجهه سنڌي فلمن جا گيت پڻ ڳايا سندس مٺڙي ۽ مٺر آواز جي ڪري هن کي "سنڌ جي بلبل" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو هن جيجي زرينه بلوچ، امينه ۽ زيب النساءِ سان گڏجي ڪيترائي سهرا پڻ رڪارڊ ڪرايا، جيڪي اڄ به سنڌ ۾ شوق سان ٻڌا وڃن ٿا 1970ع ۾ هن مشهور اداڪار مصطفيٰ قريشيءَ سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي ور سان گڏ لاهور ۾ رهائش اختيار ڪيائين لاهور ۾ هن استاد چوٽي غلام عليءَ کان موسيقيءَ جا گر سکيا ۽ سنڌيءَ سان گڏ اردو، پنجابي، سرائڪي، پشتو ۽ بنگالي ٻولين ۾ ڳائڻ جاري رکيائين 2021ع ۾ هن کي پاڪستان سرڪار پاران تمغه امتياز سان نوازيو ويو تاريخ 13 جولاءِ 2022ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ نمبر 38 سال 2026

مسمات آمنه ڌيءِ فقير محمد ذات سولنگي رهندڙ سيل ڪالوني ميرپورخاص. پلينٽف. بخلاف. عاشق علي ولد نذير ذات سولنگي رهندڙ غريب آباد ڪڙيو گهنور تعلقو گولاڙچي ضلعو بدين ......ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 13-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومرپروٽيڪشن ڪورٽ/ فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج X حيدرآباد
(روبرو جناب فراز علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات بصرا زال منور خاصخيلي ڌيءِ خدا بخش خاصخيلي رهندڙ اولڊ پاور هائوس ٽنڊو مير محمود ڪچي آبادي نرد ريلوي لائن حيدرآباد. پلينٽف. بخلاف. مير منير خاصخيلي ولد عرس خاصخيلي رهندڙ اولڊ پاور هائوس ٽنڊو مير محمود ڪچي آبادي نرد ريلوي لائن حيدرآباد ......ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج X حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
گارڊين سوٽ نمبر 02 سال 2026

ممتاز علي ولد منو خان رهندڙ لاڪا محلا اولڊ هالا ضلعو مٽياري. ايپليڪينٽ. بخلاف. پالو لاڪو ولد ميرو لاڪو (معذور) معرفت ڪزن ممتاز علي ولد منو خان رهندڙ لاڪا محلا اولڊ هالا ضلعو مٽياري (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ......اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف زيرقلم 32 مينٽل هيلٿ ايڪٽ 2023 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 79 سال 2026

مسمات ريحانه ڌيءِ رمضان پنهور زال دلدار شيخ ويٺل مدينه ڪالوني ڪي اين شاهه ضلعو دادو. پلينٽف. بخلاف. دلدار ولد شفيع محمد شيخ ويٺل منظور ڪالوني ميهڙ ضلعو دادو......ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 04-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
ڪرمنل مسلينس سوٽ نمبر سال 2026

گل حسن ولد قاسم لغاري ويٺل ڳوٺ سهواڻي لغاري تعلقو جوهي ضلعو دادو. پلينٽف. بخلاف. سرڪار اپوننٽس ......اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:

هن نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2026 5 31 تي پوليس اسٽيشن ڪي اين شاهه ڏنل ڏوهه 163 سال 2026 ڏوهه ppc 379 تحت سرڪار پاران ASI طارق گلزار سيال FIR ڪئي آهي ۽ ٽريڪٽر رڪور ڪيو آهي. جنهن بعد هن ڪورٽ سڳوري ۾ مٿئين نالي واري درخواستگذار نمبر سيڪشن 516 A تحت درخواست داخل ڪئي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 14-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندوتفصيل ٽريڪٽر جا رجسٽريشن نمبر FB-6255 انجڻ نمبر D 175301 چيچس نمبر B 434410 ماڊل 1983

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان جا پائر نالي هرهڪ (1) محمد بخش ولد محمد قاسم چنه ۽ سندس پٽ بنده علي ۽ عادل علي ولد محمد بخش (2) احمد خان ولد محمد قاسم چنه ۽ سندس پٽ راڻوخان ۽ بلاول خان ولد احمد خان چنه (3) منور علي ولد محمد قاسم چنه ۽ سندس پٽ مصور علي ۽ مزمل علي ولد منور علي چنه سان لاتعلقي جواظهارڪري رهيا آهيون اڄ کانپوءِ اسان جو ۽ اسان جي اولاد جو انهن سان ڪنهن به قسم ڪوبه تعلق ناهي جڏهن ته 15 سال اڳ اسانجو والد اسان سڀني پاڻن کي پنهنجي ملڪيت مان هرهڪ کي حصوڏئي فوت ٿي ويو آهي اسان جا پائيتا غلط صحبت ۾ لڳي خراب ٿي ويا آهين ان لاءِ اسانجو سندس ڪنهن به قول فعل سان يا ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي سان ڪو به واسطو نه رهندو اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪر اچي سگهي

حضور بخش ولد محمد قاسم چنه ۽ سندس اولاد
منظورعلي ولد محمد قاسم چنه ۽ سندس اولاد

بقايا	1	اسپتال داخل

وڏيڪ شاگرد ۽ شاگرديائيون اوچتو بيهوش ٿيڻ بعد کين فوري طور شڪارپور سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ايمرجنسي لاڳو ڪري ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کين طبي امداد فراهم ڪئي واقعي جي اطلاع ملڻدي ئي ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر جهانگير شيخ ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار اسپتال پهچي ويا ۽ علاج جي عمل جي نگراني ڪئي اسپتال انتظاميا موجب موڪل جو ڏينهن هجڻ باوجود ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کي فوري طور گهرائي ايمرجنسي سروسز بحال ڪيون ويون ڊاڪٽر ظهير شمس پٺو ڊاڪٽر باسط ابڙو ۽ ٻين ڊاڪٽرن متاثر ٻارن جو علاج ڪيو اي ڊي ايچ او ڊاڪٽر جهانگير شيخ ٻڌايو ته سول اسپتال ۾ 50 کان وڌيڪ ٻار آندا ويا هئا، جن مان 45 ٻارن کي طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد صحتياب ٿيڻ تي گهر روانو ڪيو ويو جڏهن ته باقي ٻارن جو علاج جاري آهي ۽ سندن حالت به خطري کان ٻاهر آهي هوڏانهن ڊپٽي ڪمشنر شڪيل احمد ابڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ آچر هجڻ باوجود ٻارن کي اسڪول ۾ گڏ ڪيو ويو هو هن چيو ته ٻارن جي بيهوش ٿيڻ جو سبب سخت گرمي هيٽ اسٽروڪ ڪنهن مشروب يا خوراڪ جو استعمال يا ڪو ٻيو عنصر آهي ان بابت مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ۽ جاچ مڪمل ٿيڻ بعد حقيقتون سامهون آنديون وينديون جاچ ڪيو پيو بي طرف اڳوڻو صوبائي وزير مقبول احمد شيخ اسپتال پهتو هن صحافين سان ڳالهائيندي واقعي جي جاچ جو مطالبو ڪيو ،هوڏانهن ميونسپل چيئرمين فياض محمود شيخ پاران اعلان ڪيو ويو آهي ته ٻارن جي وارڊ ۾ مريضن جي سهولت لاءِ ايئرڪنڊيشنر فراهم ڪيو ويندو انتظاميا موجب هن وقت سڀني متاثر ٻار طبي نگراني هيٺ آهن ۽ سندن حالت اطمينان بخش آهي جڏهن ته واقعي جي سببن بابت جاچ جاري آهي

بقايا	2	جو مطالبو

ٻالڪن جي چرچ تي ڪوڙن ڪيس ۾ ڦاسائي تنگ ڪري رهي آهي هن چيو ته مونجي خلاف 10 کان وڌيڪ ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جن ۾ ڳوٺ سڳوري مونکي باعزت پري ڪري ڇڏيو آهي ۾ ڪوٽڙي پوليس جا ڪجهه اهلڪار بنا جواز تنگ ڪري پٽسن جي گهر ڪري رهيا آهن هن چيو ته غريب مسڪين ماڻهون آهيان پورهيو ڪري ٻچن جو پيٽ گذر ڪندو آهي ۾ ڪوٽڙي پوليس بنا سبب مون مٿان منشيات جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪندي رهي ٿي ۾ منهنجو پري پري ڏاڏين منشيات سان ڪو به تعلق ناهي هن ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ڄامشورو سميت وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته ملوث پوليس اهلڪار خلاف ڪارروائي ڪري مونکي تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي ....

بقايا	3	ڏرين وٽ پهتو

بقايا	4	قبضي ۾ ورتيون

بوريون ڪٽڪ قبضي ۾ ورتيون ويون ڪارروائي ۾ ڊي ايف سي گهوٽڪي نثار احمد ميمڻ فوڊ انسپيڪٽر علي اظهر لڪڻ مختيارڪار خانڳڙهه سميع گجر ۽ پوليس جي گڏيل ٽيم حصو ورتو ٽيم گبول مارڪيٽ، سردار ڳوٺ، ماڪاهي اسٽينڊ، گهوٽڪي بس اسٽاپ سميت مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي غير قانوني ذخيرن جي جاچ ڪئي اختيارين موجب قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪٽڪ ذخيرو ڪندڙن خلاف بنا ڪنهن امتياز جي ڪارروائي جاري رهندي، جڏهن ته ناجائز ذخيرا اندوزي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب سخت قانوني قدم کنيا ويندا

بقايا	5	احتجاجي ريلي

ضلع چيئرمين سهيل اختر عباسي، ايم اين اي ذوالفقار بهڻ مسرور احمد راڄپر، دوست علي سولنگي، نظير احمد ميمڻ، پير خالد سيف الله سهروردي، ميونسپل چيئرمين ڊاڪٽر ڪاشف مصطفيٰ ميمڻ محمد ياسين چانڊيو سيد غلام مرتضيٰ شاهه عبدالوحيد عباسي خان اعوان، روشن علي وسطڙو نبي بخش لاڪو غضنفر راڄپر، عبيد ميمڻ، نعمت الله وسطڙوعلي اڪبر مورو ۽ ٻين شرڪت ڪئي هن احتجاج ۾ پي پي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پارٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي مقررن چيو ته سنڌ طاس معاهدو هڪ بين الاقوامي معاهدو آهي جنهن جي پاسداري لازمي آهي هنن مطالبو ڪيو ته عالمي برادري، گڏيل قومن ۽ لاڳاپيل عالمي ادارا ڀارت کي معاهدي تي عمل ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ پاڪستان جي آبي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا	6	عرفان ملاح

قتل ڪيو ويو ٿو ان موقعي تي ڪتاب جي ليکڪ امر سنڌو چيو ته مونکي اسٽيج تي ڳالهائڻ لاءِ عرفان ملاح اتساهيو هن چيو ته 7، 8 ڪتابن جو مواد موجود آهي هن ...

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
OGDC-SCM-LD-PT-DO-327473337-2026	SUPPLY OF CONDUCTOR PIPES	29.07.2026 1130 Hrs
OGDC-SCM-FA-CB-DS-327359013-2026	SUPPLY OF EXTREME PRESSURE MUD LUBRICANT	12.08.2026 1100 Hrs

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **09.06.2026, 11.06.2026** and **25.06.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case(s) has been extended as follows:

TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
OGDC-SCM-FC-CB-DO-324014093-2026	PROCUREMENT OF BITS	27.07.2026 1100 HRS
OGDC-SCM-FB-CB-PENFD-323322330-2026	CHEMICAL INJECTION PACKAGES (CIPs)	28.07.2026 1100 HRS
OGDC-SCM-SERVICES-CB-EXPL-325365693-2026	CONSULTANCY SERVICES FOR FRAC CANDIDATE WELLS EVALUATION AND SUPERVISION OF FRAC JOBS	30.07.2026 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3795

ogdcl.com
No.13/01

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

شڪارپور جي خيراتي اسڪول جا 50 کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگرديائيون بيهوش، اسپتال داخل

چوڙنگي پرسان قائم هدايه ٽرسٽ اسڪول ۾ تقريب دوران 50 کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگرديائيون اوچتو بيهوش ٿي ويا

بيهوش ٿيل ٻارن کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو، ايمرجنسي لاڳو ڪري ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي گهرايو ويو

اطلاع ملندي ئي ڊي سي شڪيل احمد ابڙو، مقبول احمد شيخ اسپتال پهچي ٻارن جي عيادت ڪئي

شڪارپور (رپورٽ: رحيم بخش جمالي) خيراتي اسڪول جا 50 کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگرديائيون بيهوش، اسپتال داخل، ايمرجنسي نافذ، ڊي سي ۽ صوبائي وزير اسپتال پهتا، حاجي ... شيخ ... عيادت ... خوراڪ سبب ... جاچ

شڪارپور: بيهوش ٿيل شاگردن جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ لڳ پرهياڙ ۽ زرداري برادري ۾ تڪرار جي حل لاءِ منٺ قافلو ڏرين وٽ پهتو

چيئرمين علي اڪبر جمالي، امتياز حسين راهو ۽ ٻين پرهياڙن کي ناهه لاءِ منٺ ڪئي

قتل ٿيل پورهيت الهه ورايو پرهياڙ جي وارثن ۽ جرڳن قافلي کي مان ڏيندي رضامندي ظاهر ڪئي

سڪرنڊ (ن ع) ڪي مهينا اڳ سڪرنڊ لڳ ڳوٺ ڏکڻهاٽ موري پرسان مبينه طور قتل ٿيل پورهيت الهورايو پرهياڙ جي قتل جي الزام هيٺ آيل زرداري برادري پاران تعلقه سڪرنڊ ۽ ضلع شهيد بينظيرآباد جي معتبر شخصيتن جو منٺ ميڙ قافلو پرهياڙ هائوس تي پهتو جنهن ۾ ضلع ڪائونسل جو چيئرمين علي اڪبر جمالي، رئيس امتياز حسين راهو، پيپلز پارٽي جو اڳواڻ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ پاڻي جي هڙادو ڪوٽ خلاف آبادگارن جي علامتي بک هڙتال

فتح پور شاخ، چاچري ۽ تارا مائينر جي پڇڙي ٽائين پاڻي نه ٿو پهچي: مظاهرين

ايس ڊي او ۽ عملو ٻاڍارن سان ملي ڀڳت ڪري پاڻي چوري ڪرائي پيا، نوٽيس ورتو وڃي

هالا (ت ر) آبپاشي کاتي سبب ڏورين هالا جي فتح پور شاخ چاچري مائينر ۽ تارا مائينر ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ غيرقانوني پائپ هٽي پاڻي وڪرو ڪرڻ خلاف آبادگارن پاران پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو آبادگارن ريڊنو ونديار ايڊووڪيٽ اياز علي شاهه

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ پ پ پاران مرسوں مرسوں، سنڌو نه ڏيسون عنوان هيٺ ريلي

ڪارڪنن منير حسين منگي، عتيق الرحمان ڦلپوٽو فتح محمد رند ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ني سوديبازي قبول ناهي، سنڌو درياهه جي حفاظت لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: اڳواڻ

خيرپور (د ر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي نعري "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" جي عنوان هيٺ خيرپور جيالائي هائوس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي پاڪستان پيپلزپارٽي خيرپور جي سٽي صدر منير حسين منگي، عتيق

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي واسي نوجوان جو پوليس جي ڏاڍائين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي واسي نوجوان جو پوليس جي ڏاڍائين خلاف احتجاج ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو آهي ڪوٽڙي جي بروهي پاڙي واري علائقي جي رهواسي نوجوان هدايت الله بروهي ڪوٽڙي پوليس جي ڏاڍائين خلاف احتجاج ڪندي ڌانهيندي چيو ته آهي پوليس بنا جواز

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ شخص موٽر سائيڪل تي رڪيل ڇٻي تي ٻڪريون کڻي وڃي ٿو

پان سيدآباد ۾ ڪٺڪ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڇاپي ڏيڻهن ۾ وٽ پڪڙ 6000 بورين هٿ

پان سيدآباد (ن -ع) پان سيدآباد ۾ ڪٺڪ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڇاپا هڻي ڏيڻهن ۾ وٽ پڪڙ وڌيڪ 6000 بورين هٿ، واپارين جو احتجاج، ڪارگيند ڪارروائي جو الزام تفصيل موجب پان سيدآباد ۾ ڪٺڪ ذخيرو ڪندڙن خلاف ڇاپي ڏيڻهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ بابر علي جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪئي وئي خوراڪ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

جيم خانه ڪلب ۽ پبلڪ پارڪ جو قيام ڏگهڙي واسين لاءِ قيمتي تحفو آهي: مير طارق ٽالپر

شهرين، خاص طور تي نوجوانن ۽ ٻارن کي صحتمند ۽ معياري تفريحي سهولتون حاصل ٿينديون

گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول ڏگهڙي جي توسيعي منصوبي جو ڪم آخري مرحلي ۾ آهي

مير طارق ٽالپر جيم خانه ڪلب ۽ پبلڪ پارڪ جي تعميراتي ڪم جو افتتاح بعد ميڊيا کي خطاب

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي جي شهرين کي بهترين تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ جديد پبلڪ پارڪ ۽ جيم خانه ڪلب جي تعميراتي منصوبن جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو صوبائي وزير براءِ سماجي ڀلائي آبادي مير طارق علي خان ٽالپر ۽ چيئرمين ڪائون ڪاميٽي ڏگهڙي ڊاڪٽر مير ذوالفقار علي خان ٽالپر ڏگهڙي پريس ڪلب پرسان اڳوڻي چيئرمين مرحوم مير علي محمد ٽالپر جي نالي سان منسوب جيم خانه ڪلب ۽ اڳوڻي ايم پي اي مرحوم الحاج مير محمد حيات ٽالپر جي نالي سان منسوب جديد پبلڪ پارڪ جي تعميراتي ڪم جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي صوبائي وزير مير طارق علي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: صوبائي وزير مير طارق ٽالپر جيمخاني ۽ پبلڪ پارڪ جو افتتاح ڪندي

نوابشاهه ۾ پ پ پ پاران مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون عنوان هيٺ ريلي

ڪارڪنن سليم زرداري، سيد علي حيدر شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نعريبازي ڪئي

سنڌو درياءَ تي پاڙيندڙ خاندانن جي گذر سفر ۽ زندگي کي يقيني بڻايو وڃي: اڳواڻ

نوابشاهه (س ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جو هندستان جي پاڻي جي جارحيت خلاف وڏو ڏرڻو ڪارڪنن مودي سرڪار خلاف سخت نعريبازي ڪئي پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اپيل تي پاڪستان پيپلزپارٽي نوابشاهه ۾ هندستان جي پاڻي جي جارحيت ۽ سنڌو پاڻي معاهدي جي هڪ طرفي معطلي خلاف نوابشاهه پريس ڪلب جي سامهون هڪ سخت احتجاجي ڏرڻو هنيو آهي ڏرڻي ۾ ضلعي صدر سليم زرداري، سيد علي حيدر شاهه خان سٽي صدر

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ پ پ جو سنڌو درياءَ جي پاڻي تي ڀارتي قدمن خلاف احتجاجي ريلي

سسئي پليجو، رياض شاهه شيرازي، امتياز قريشي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ڀارت سنڌو طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي هميشه سنڌو درياءَ جو پاڻي روڪي ٿو: سسئي پليجو

چين سميت عالمي دنيا کي ڀارتي آبي دهشتگردي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي، ٻي صورت پاڻي جنگ ڪئي ويندي

ٺٽو (د ر) پيپلزپارٽي ٺٽو پاران ٺٽي ۾ به "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" جي نعري هيٺ احتجاجي ريلي ڪڍي پاڻي تي ڌاڙي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ۽ سنڌو درياءَ جو پاڻي روڪڻ کي هندستان پاران آبي دهشتگردي قرار ڏيندي عالمي دنيا کي سنڌو طاس معاهدي تي عملدرآمد ڪرائڻ جي اپيل ڪري ڇڏي، پيپلزپارٽي ضلعي ٺٽي جي صدر ايم اين اي صادق علي ميمڻ، اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي، پ پ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ميرپور بٺورو: حادثي ۾ فوت ٿيل جو جنازو آخري سفر تي نيو پيو وڃي

پنوعاقل ۾ سنڌي ادبي شاخ پاران وڇڙي ويل شاعر علي صفدر جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ پنوعاقل سٽي پاران تازو وڇڙي ويل نئين ٽهيءَ جي منفرد شاعر علي صفدر جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو الشهباز پبلڪ اسڪول پنوعاقل ۾ ناميار اديب محقق ڪهاڻيڪار سرور سيف جي صدارت هيٺ ٿي گذريو، جنهن جو مهمان خاص عبدالرحيم عزمي هو اعزازي مهمانن ۾ بيخود بلوچ، رفيق انڊڙ ۽ قياض سمائر شامل هئا ان موقعي تي ناصر چاچڙ، امداد

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽل ۾ جي يو آءِ جو زرعي پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

هڙادو پاڻي ڪوٽ خلاف حڪومت ۽ آبپاشي اختيارين خلاف نعريبازي

مرزا شاخ سڪي وڃڻ سبب هزارين ايڪڙ فصل تباهه ٿي رهيا آهن: مظاهرين

ٽل (ن ع) جمعيت علماءِ اسلام پاران سنڌ ۾ زرعي پاڻي جي شديد ڪوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو امير ڊاڪٽر اي جي انصاري، حاجي محمد عباس بنگلاڻي، عبدالرشيد پٺو قاري محمد عثمان پٺو حاجي مختيار احمد، محمد ابراهيم برڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪڍيو ويو مظاهرين شهر جي مختلف رستن تان گذرندي اسروٽي چوڪ تي پهتا، جتي اڳواڻ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

بدين جي ساحلي پٽي ۾ پاڻي ڪوٽ خلاف فشر فوڪ فورم جو احتجاج

بدين (د ر) پاڪستان فشر فوڪ فورم جي مرڪزي چيئرمين سائين مهراڻ علي شاهه جي هدايت تي يونٽن ۾ گڏجاڻيون ڪرڻ اڄ پاڪستان فشر فوڪ فورم يونٽ طيب ملاح يونٽ ناڻو ملاح يونٽ ڪاڻيارو ملاح شيخ قريو پانداري يونٽ تي گڏجي بيحد ساحلي پٽي ڳوٺ شيخ قريو پانداري حاجي حجام ملاح صديق ملاح سميت سڄي ساحلي پٽي پوڇڙ پاڻي جي شديد ڪوٽ خلاف عمر ملاح قاسم هچو بجايو ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي احتجاج ڪيو آهي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺ ٻٽڙا جي رهواسين جو ٻاٿرن جي ظلمن خلاف احتجاج

محمد شريف لنجو ۽ ٻين بيگناهه ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

حملو به اسان تي ٿيو ۽ ڪيس به اسان تي داخل ڪرايو ويو نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (ن ع) تعلقي اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ٻٽڙا جي رهواسين ٻاٿرن جي ظلمن خلاف احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙن الياس لنجو مير محمد لنجو لقمان لنجو جيسو ڀيل ۽ ٻين چيو ته ڳوٺ سيروهوڙو واسي محمد شريف لنجو برهان لنجو سانوڻ لنجو ۽ سهڻو لنجو اسان کي بيگناهه ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي اسان جو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ ملڪيت تڪرار تي وارثن جو فوتي جو مڙهه دڪان ۾ رکي احتجاج

مرحوم محمد سعيد مغل جي وارثن ملڪيت جي معاملي تي احتجاج ڪندي ميت کي دڪان اندر رکي ڇڏيو

علائقي جي معززن، مائٽن جي سمجهاڻ بعد فوتي جي تدفين مقامي قبرستان ۾ ڪئي وئي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ ملڪيت جي تڪرار تي وارثن جو انوکو احتجاج، فوتي جو مڙهه دڪان ۾ رکي احتجاج، بعد ۾ معززين جي مداخلت بعد قبرستان ۾ تدفين جو فيصلو. ڏگهڙي جي مرچ منڊي ڪالوني ۾ ملڪيت جي تڪرار سبب هڪ انوکو احتجاج سامهون آيو جتي مرحوم محمد سعيد مغل جي وارثن مبينا طور وراثتي ملڪيت جي معاملي تي احتجاج ڪندي ميت کي عارضي طور دڪان اندر رکي ڇڏيو تفصيل موجب مرحوم محمد سعيد

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: ملڪيت جي تڪرار تان وارث فوتي جو لاش دڪان ۾ رکي احتجاج ڪندي

ٽنڊو محمد خان سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر جي ايم گل جو ننڍي ڀاءُ جو ديهانت ٿي ويو

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان جي سياسي سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر جي ايم گل جو ننڍو ڀاءُ گورڌن داس ڪجهه عرصو علالت ۾ رهڻ بعد نجي اسپتال ۾ ديهانت ڪري ويو

ڪوٽڙي ويجهو عورت گهرو پريشانين کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

خدا جي بستي ۾ 30 ورهين جي شادي شده ماهرا خاتون انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ڪوٽڙي (ن ع) سائيٽ ڪوٽڙي جي خدا جي بستي جي شادي شدا ڪجهه سالا عورت ماهرا خاتون گهريلو پريشانين کان تنگ اچي ڦاهو گهچي ۾ وجهي گهر اندر خود ڪشي ڪري ڇڏي پوليس سندس لاش ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو آهي عورت کي ڪوب اولاد ن هو جنهن سبب اٿبڻت ڪري اهڙو واقعو پيش آيو

ٽنڊومحمدخان ۾ هٿيارٻندن جي دڪان تي ڪاهه، روڪ رقم ۽ موبائل ڦر

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان جي اناج منڊي ۾ ٻن نامعلوم هٿيارٻندن پاران هٿيارن جي زور تي اڪرم سرهيو جي ڪرياڻا اسٽور تان هزارين روپيا نقد رقم ۽ ٽچ موبائل ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ ڀرپاسي سوئي گئس عملي جون ڪارروايون، هزارين ڪنيڪشن ڪاٽا

جنرل مينيجر حيدرآباد جي موجودگي ۾ عملي خدا جي بستي، ٻهر اسڪاپ ۽ ٻين هنڌن تي ڇاپا هنيا

ڇاپن دوران ٻه هزار کان وڌيڪ لاڳل غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي پائپ تحويل ۾ وٺي ساڙيو ويو

مين گئس لائن کي 70 جاين تان ڪٽ هڻي ڪروڙين روپين جي گئس چوري ڪئي پئي وئي: عملدار

ڪوٽڙي (رپورٽ حسين شورو) سوئي گيس کاتي ڪوٽڙي پاران سائيٽ ڪوٽڙي جي خدا جي بستي ٻهر اسڪاپ ۽ ٻين علائقن ۾ گيس چوري بابت وڏي ڪاروائي ڪندي ٻه هزار کان وڌيڪ چوري جا ڪنيڪشن ڪاٽي ريڙ جا پائيپ تحويل ۾ وٺي ڇڏيا خبر موجب گيس کاتي جي جنرل مينيجر حيدرآباد جي موجودگي ۾ زونل مينيجر اياز جڪراڻي جي اڳواڻي ۾ خصوصي ٽيم

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

هالا: پاڻي جي ڪوٽ خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر: ڪٺڪ جي گودام تي ڇاپا هڻي سيل ڪيو پيو وڃي

خانپورمهر ۾ حساس ادارن جا ڇاپا، سوين بورين ڪٺڪ قبضي ۾ ورتيون

ڊي ايف سي نثار احمد ميمڻ جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا

غير قانوني طور ڪٺڪ ذخيرو ڪندڙن جا ڪيترائي گدام سيل ڪري ڪيا ويا

خانپورمهر (ن ع): خانپورمهر ۾ حساس ادارن ڊي ايف سي گهوٽڪي فوڊ کاتي ۽ ضلعي انتظاميا پاران پوليس جي سهڪار سان غير قانوني طور ڪٺڪ ذخيرو ڪندڙن خلاف گڏيل ڪارروائي ڪندي شهر جي مختلف علائقن ۾ ڇاپا هنيا ويا، جنهن دوران ڪيترائي گدام سيل ڪري سوين

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

نوشهرو فيروز ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ ڀارت خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن سهيل اختر عباسي، ذوالفقار ٻهڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

عالمي برادري نوٽيس وٺي پاڪستان جي آبي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائين: اڳواڻ

نوشهرو فيروز(د ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ تي ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي ۽ پاڪستان جي آبي حقن خلاف نوشهرو فيروز جي الله واري چوڪ کان پريس ڪلب نوشهرو فيروز تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ۽ ڌرڻو لڳايو ويو احتجاج جي اڳواڻي پي پي پي ضلع صدر ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ ڀارت جي آبي جارحيت خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ريلي

ڪارڪنن سردار ذوالفقار خان ڪمارو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نعريبازي ڪئي

ڀارت پاران آبي معاهدن جي ڀڃڪڙي ۽ جارحيت ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي: اڳواڻ

شڪارپور (د ر) ڀارت جي آبي جارحيت خلاف پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان شڪارپور ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي اڳواڻي صوبائي وزير ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر امتياز احمد شيخ ۽ فراز احمد شيخ جي هدايتن تي شڪارپور هائوس مان وائيس چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي وسيم

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو جام: قومپرست ڪارڪن پريا ڪماري، فضيلا سرڪي ۽ اجالا پروين جي آزادي لاءِ احتجاج ڪندي

ڪيرو ۾ عوامي تحريڪ پاران سنڌ مخالف منصوبن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن عطاءُ الله انڙ راڻو ڪنڊاٽي، موسيٰ راڄڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سانگهڙ سميت سنڌ ۾ بدامني ۽ لاقانونيت جو راڄ آهي پاڻي ڪوٽ سبب ماڻهو پريشان آهن: مظاهرين

ڪيرو (ن ع) عوامي تحريڪ جي مرڪزي نائب صدر ستار رند، مرڪزي رابطا سيڪريٽري لال جروان عوامي تحريڪ ضلعي سانگهڙ جي صدر عطاءُ الله انڙ راڻو ڪنڊاٽي موسيٰ راڄڙ هوش محمد خاصخيلي جان محمد راڄڙ دريا خان جوڻيجي ميان غلام حيدر ۽ ٻين پريس

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: عبرت اخبار ۾ ڪجين جي بيمارين جي خبر جو ايگريڪلچر کاتي نوٽيس ورتو

ايگريڪلچر ايڊيشنل ڊائريڪٽر اظهر حسين ويسر نوٽيس وٺندي ٽيمون موڪليون

ٽيمن ٽنڊو مستي، احمد پور ۽ ٻين علائقن ۾ پهچي آبادگارن کان تفصيل ورتا

گمبٽ (ت ر) روزاني عبرت اخبار ۽ عبرت ڊيجيٽل ميڊيا نيٽ ورڪ تي خبرون نشر ٿيڻ تي ڪجين جي باغن ۾ ڦهليل بيمارين جو ايگريڪلچر کاتي پاران نوٽيس وٺندي گمبٽ ٽنڊو مستي احمد پور ڪولاجيل ۽ ٻين علائقن ۾ ڪجين جي باغن کي بيماري سبب آبادگارن کي لکين روپين جو نقصان

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي اميدوار جو مطالبن جي مڃتا لاءِ مظاهرو

اميدوارن امجد علي کهڙو، شمس الدين کهڙو، ادريس سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪورٽ جي آرڊر جو بهانو ڪري اسان سان ناانصافي ڪئي وئي آهي: مظاهرين

گمبٽ (ت ر) گمبٽ پريس ڪلب اڳيان پي ايس ٽي ۽ جي ايس ٽي اميدوارن استادن جو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي امجد علي کهڙو، شمس الدين کهڙو، ادريس سومرو، همت علي ٿيٻو ڪئي ان موقعي استاد اميدوارن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته ونٽنگ اميدوارن لاءِ ٿهيل

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

لاهور: ڏهاڙي مزدور روزگار جي انتظار ۾ ويٺل آهن

بدين ۾ پيپلزپارٽي جي ڀارتي آبي جارحيت خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين اصوان صحافت تائين ريلي ڪڍي ڀارت خلاف نعريبازي ڪئي

سنڌو درياهه پاڪستان جي حياتي، زراعت ۽ معيشت جي بقا جو بنياد آهي: اڳواڻ

سنڌ طاس معاهدي تي عملدرآمد، پاڻي حقن جي تحفظ ۽ قومي مفادن لاءِ آواز بلند ڪنداسين

بدين (د ر) مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي ڀارت جي مبينا آبي جارحيت ۽ سنڌو درياهه جي پاڻي تي ڌاڙي خلاف پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع بدين پاران صدر پيپلزپارٽي ضلع بدين ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل بدين جام علي اصغر هاليپوٽو جي اڳواڻي ۾ شهيد بينظير ڀٽو پارڪ کان بدين پريس ڪلب ۽ ايوان

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

مسوپرگڙهي ۾ اٽي جي قيمتن ۾ اضافو، غريب عوام پريشان

حڪومت جي آپريشن جا اعلان بي اثر، مارڪيٽن ۾ اڳهه ضابطي کان ٻاهر

ڏهاڙي مزدورن لاءِ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست به مشڪل بڻجي ويو

مسوپرگڙهي (ن ع) مسوپرگڙهي شهر ۾ اٽي جون قيمتون ڏينهون ڏينهن وڌنديون پيون وڃن جنهن سبب غريب ۽ ڏهاڙي تي مزدوري ڪندڙ طبقو سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو آهي شهر جي مختلف چڪين تي اٽو 130 کان 135 رپيا في ڪلو وڪرو ٿيڻ لڳو آهي جڏهن ته عام شهري مهانگائي جي هن طوفان سبب ٻن ويلن جي ماني حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان نظر اچن ٿا.

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ بين القوامي سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي پ پ جي احتجاجي ريلي

ظهير عباس پتافي جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

جڏهن به پاڪستان کي ڪو خطرو هوندو آهي ته پيپلز پارٽي اڳيان هوندي آهي: ظهير پتافي

پهرين به منهن ٽوڙ جواب ڏنو ۽ هن وقت به ڀارت کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيون

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ۾ پ پ پاران پارٽي وزيراعظم مودي طرفان بين القوامي سنڌ طاس معاهدي جي خلاف ورزي. سنڌو دريا تي ناجائز پاڻي جي چوري ۽ ڊيم اڏڻ خلاف پ پ پ ضلعي صدر ظهير عباس پتافي جي اڳواڻي ۾ پتافي هائوس کان بڪيرا روڊ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ پ پ پ اڳواڻن ذوالقرنين ڪوڪر مير سهيل ٽالپر مولا بخش ٿيٻو وسيم

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

بادهه: شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

عمرڪوٽ ۾ سيد امير علي شاهه عوامي دربار لڳائي شهرين جا مسئلا ٻڌا

پاڻي جي ڪوٽ، ٽٽل روڊن، صفائي، نيڪال ۽ انتظامي لاپرواهي بابت شهرين جون شڪايتون

عوام جي خدمت اسان جو اولين فرض آهي، علائقي جي ترقي لاءِ هر ممڪن قدم کنداسين: سيد امير علي شاهه

عمرڪوٽ (د ر) پي پي ايم پي اي سيد امير علي شاهه پاران عمرڪوٽ ۾ سيد علي مردان شاهه هائوس ۾ عوامي دربار لڳائي عوام جا مسئلا ٻڌا، ان موقعي تي شهر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي ڪوٽ، ٽٽل ۽ خسته حال روڊن صفائي سٿرائي جي ناقص انتظامن گٽگي نيڪال جي مسئلن ۽ ٻين

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

راضيديرو لڳ هٿياربند ڊرائيور کي ٽريڪٽر سميت اغوا ڪري ويا، متاثر جو احتجاجي ڌرڻو

خيرپور ٻاءِ پاس پرسان 10 کان وڌيڪ هٿياربند ڊرائيور خدابخش شنباڻي کي ٽريڪٽر سميت اغوا ڪري ويا

واقعي خلاف لاشاري برادري پاران ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڊرائيور ۽ ٽريڪٽر جي واپسي جو مطالبو ڪيو

ڌرڻي سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ڀهارو پوليس مظاهرين وٽ پهچي انصاف جي خاطري ڪرائي روڊ کولرايو

راضيديرو (رپورٽ: قربان علي گلال) راضيديرو لڳ ڊرائيور کي يرغمال بڻائي ٽريڪٽر ڦر ڪرڻ سان گڏ ڊرائيور ٻٽ مبينه اغوا لاڙڪاڻو خيرپور ٻاءِ بند ڪري ڌرڻو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو راضيديرو ويجهو ڳوٺ ريڊر لاشاري واسي انيل لاشاري فوڊ ٽريڪٽر ۽ ٽرالي مزدوري طور ڪرائي تي هلائيندو آهي تنهن ٽريڪٽر ٽراليءَ تي ڊرائيور پڻ بيهاريل اٿس گذريل رات دير سان جيئن ئي ٽريڪٽر ٽرالي پڻ ساڻ پريون پٺي آيو مبينا هٿياربندن ڊرائيور

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ امر سنڌو جي ڪتاب 'سرتيون سڄي سڱ' تي اپياسي ويهڪ، عورتن جي حقن تي خيالن جي ڏي وٺ

سنڌ ۾ اڄ عورتن کي سوچ جي آڳ ۾ هڻي هزارين عورتن جي قتل ڪيو وڃي ٿو: عرفانه ملاح

هر عورت ۾ ڪهاڻي آهي، اُنهن غير سنجيده قطعي ناهيان، جيڪو قلم لکجي اهو وقت تي هجي: امر سنڌو

پاور نفسيات مان ڪيئن پوندي امر سنڌو جي ڪتاب ۾ سياسي شعور سان گڏ صنفي شعور به آهي: جامي چانڊيو

امر سنڌو جي قلم نه پر آرسيون آهن (حسين مسرت) بينظير پور بابت قلم جو ذڪر ڪيو ويو: اشتاق لغاري

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ويهڪ ڪرائي وئي جنهن جي ماڊريٽر پروفيسر عرفانه ملاح هئي ... ساهتي پڙهندڙن ...

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

بدين: پيپلز پارٽي جا اڳواڻ ڀارتي آبي جارحيت خلاف احتجاجي ريلي کي خطاب ڪري رهيا آهن

ڪيرو عدالت جي حڪم تي اي ايس آءِ ڳوٺاڻي خلاف ڪيس داخل

مقتول محمد صديق راڄڙ جي وارثن جي درخواست تي عدالت حڪم ڏنو

پوليس تشدد سبب صديق کي دورو پيو ته هو فوت ٿي ويو انصاف ڪيو وڃي: موقف

ڪيرو(ن ع) ڪيرو ۾ چار ڏينهن اڳ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ٻاهران فوت ٿيل نوجوان محمد صديق راڄڙ واري معاملي ۾ نئون موڙ اچي ويو آهي فوتي نوجوان جي وارثن پاران الزام لڳايو ويو هو ته ضمانت واري معاملي دوران مبينا پوليس تشدد سبب محمد صديق راڄڙ جي طبيعت خراب

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سڪر جي يو سي 9 واسين جو بنيادي سهولتن جي اڻ هوند خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سڪر (بيورو رپورٽ) ٽائون ڪميٽي جيئي شاهه سڪر جي يونين ڪائونسل نمبر 9 بڪٽي محلي جي رهواسين بنيادي شهري سهولتن جي اڻهوند خلاف نوجوانن بزرگن ۽ معصوم ٻارن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ۾ محمد شريف بڪٽي، خادم

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ قتل ٿيل نوجوان امتياز لاشاري جو ڪيس 12 جوابدارن خلاف داخل

مقتول جي ڀاءُ محمد حنيف لاشاري جي فرياد تي پاسين لاشاري ۽ ٻين تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس ڇاپا هڻي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

مورو (ن ع) مورو پرسان درياخان مري ٿاڻي جي حد ڳوٺ آدم خان لاشاري ۾ نوجوان امتياز علي لاشاري قتل جو ڪيس سندس ڀاءُ محمد حنيف لاشاري جي فرياد تي 1. گلشير ولد اڪ لاشاري 2. محمد ياسين ولد علي اڪبر لاشاري 3. صلاح الدين ولد علي اڪبر لاشاري 4. ملار ولد گلن لاشاري 5.

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو ويجهو هٿياربند نجي ڪمپني جي سيلز مين کان لکين رپيا ڦري فرار، اين سي داخل

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو ماهي جا پاڻ لنڪ روڊ سان ون ٽو فاءِ تي سوار ڪين هٿياربند ڦورن پاران ميزبان ڪمپني جي سيلزمينن کان لکين روپيا روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري فرار متاثر سيلز مينن مظفر عباسي دانش سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ماهي جا پاڻ شهر ۾ سيل ٿيل رقم کڻي اچي رهيا هياسي ڪين هٿياربندن ڦورن هٿيارن جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مورو لڳ فوڊ انتظاميا جو گودام تي ڇاپو، 6 هزار ڪٺڪ جون بوريون هٿ

عملدارن شاهجهان فلور مل تي ڇاپو هڻي ڪٺڪ هٿ ڪري گودام کي سيل ڪيو

مورو (ن ع) مورو جي سابقا حنا فلور مل ۽ موجوده شاهجهان فلور مل تي فوڊ انتظاميه جو ٻين ادارن سان گڏجي ڪامياب ڇاپو هڻي ذخيرو ڪيل 6 هزار کان وڌيڪ ڪٺڪ جون بوريون هٿ ڪري مل کي سيل ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجا ماڻهو ويهاري ڇڏيا فوڊ انتظاميه پاران مل مان 300 بوريون ڪٺڪ

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ آر ايڇ سي جون اهم پوسٽون ختم، اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن جي بدليون، صحت سهولتن کي خطرو

بجيٽ 2026-27ع ۾ گائينڪالاجسٽ، ٻارن جي اسپيشلسٽ، اينسٿيٽسٽ ۽ پيرا ميڊيڪل عملي جون پوسٽون ختم ڪيون ويون

سيڪنڊري ڪيئر ۾ اپگريڊ ٿيڻ بدران اسپتال ٻيهر پرائمري ڪيئر بڻائي پي پي ايڇ آءِ حوالي، روزانو سوين مريضن جي علاج متاثر

سي-سيڪشن سروس بند ٿيڻ جو انديشو، مقامي ماڻهن جو فيصلا واپس وٺي ڊاڪٽرن ۽ عملي کي بحال ڪرڻ جو مطالبو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي بجير) حڪومت سنڌ پاران مالي سال 2026-27ع جي بجيٽ ۾ رورل هيلٿ سينٽر اسلام ڪوٽ جون ڪيترين ئي اهم پوسٽن کي ختم ڪرڻ ڪانپوءِ اسپتال مان اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي جون بدليون ڪري ڪين رليو ڪيو ويو آهي جنهن سبب علائقي ۾ صحت جون بنيادي ۽ ايمرجنسي سهولتون سخت متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي مليل ڄاڻ موجب بدلي ٿيل عملي ۾ ٻارن جا اسپيشلسٽ،

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: ايم پي اي امير علي شاهه ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

صالح پٽ پوليس پاران سنگين ڪيسن ۾ گهربل جوابدار کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) ترجمان سکر پوليس پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب صالح پٽ ٿاڻي جي پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي سنگين ڪيس ۾ گهربل جوابدار پرويز عرف پريل جتوئي کي هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتوترجمان سکر پوليس موجب ايس ايڇ او صالح پٽ پنهنجي حد اندر ڪارروائي دوران جوابدار کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان هڪ ٽي ٽي

دادو ۾ پ پ جي سڏ تي "مرسون مرسون، سنڌو نه ڏيسون" مهم تحت احتجاجي ريلي

شهر ۾ سوين ماڻهن جي مارچ ۾ شرڪت، "سنڌو اسان جي ساهه جي لڙي آهي" جا نعرا

سنڌو درياهه کي سنڌ جي بقا، معيشت ۽ تهذيب جو بنياد قرار، 1991ع واري پاڻي ناهه تي مڪمل عملدرآمد جو مطالبو

سنڌ جي پاڻي ۽ وسيلن تي ڪنهن به زيادتي کي قبول نه ڪبو، آئيني حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رهندي: اڳواڻ

دادو (د ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين جي سڏ تي سنڌو درياهه جي تحفظ، سنڌ جي پاڻي جي حقن ۽ قومي وسيلن جي بچاءَ لاءِ سڄي سنڌ وانگر دادو ۾ پڻ "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" مهم تحت هڪ شاندار تاريخي ۽ پرجوش احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ هزارين پارٽي ڪارڪنن، چونڊيل نمائندن ضلعي ۽ تعلقي عهديدارن سياسي ۽ سماجي شخصيتن وڪيلن واپارين شاگردن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سنڌو

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

دادو: ايم پي اي پير مجيب شاهه احتجاجي ريلي کي خطاب ڪري رهيو آهي

بٺورو: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل اڳوڻي نائب ناظم لال جتوئي مٽيءَ ماءُ حوالي

ميرپور بٺورو-جهوڪ شريف روڊ تي ڪار ۽ رولر جي ٽڪر ۾ لال جتوئي فوت ٿيو هو

درگاهه جهوڪ شريف جي قبرستان ۾ تدفين سياسي، سماجي، صحافين جي شرڪت

ميرپور بٺورو (ن ع) ميرپور بٺورو جهوڪ شريف روڊ تي پڊو اسٽاپ لڳ تيز رفتار ڪار ۽ رولر ۾ زوردار ٽڪر نتيجي ۾ فوت ٿيندڙ مسلم ليگ ن ضلعي سجاول جي سابق نائب ناظم جهوڪ شريف لال جتوئي جو جنازو سندس آبائي ڳوٺ محمد خان مجيدي مان ڪنيو ويو ڪيس درگاهه جهوڪ شريف جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو

گمبٽ لڳ فقيرآباد شهر جي جامع مسجد مان چور بيٽري چوري ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا

گمبٽ (ت ر) فقيرآباد شهر جي جامع مسجد سلر پليٽن تي هلندڙ بيٽر نامعلوم چور آسانيءَ سان مسجد شريف جا تالا ڪولي چوري ڪري وري مسجد کي تالا لڳائي بيٽري چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن اهڙي عمل ۽ الله جي گهر مان چوري ٿيڻ شهرين افسوس ڪيو آهي

جيڪب آباد ۾ پ پ جي "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" ڀارت خلاف احتجاجي ريلي

ايم اين اي هائوس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي زوردار نعريبازي ڪئي وئي

سنڌو تي ڌاڙو پاڪستان جي جياپي تي حملو آهي، هٽ ڌرائي برداشت نه ڪبي: پ پ اڳواڻ

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران سنڌو درياءَ تي ڀارتي ڌاڙي خلاف ايم اين اي هائوس کان مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون ريلي ڪڍي

ٽنڊو جام ۾ جيئي سنڌ قومي پارٽي جو وسيلن جي ڦرلٽ ۽ نياڻين جي اغوا خلاف احتجاج

ڊيمن جي تعمير، زمينن تي قبضي ۽ سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ خلاف نعريبازي ڪئي وئي

پريا ڪماري، اجالا پروين ۽ فضيلا سرڪي بازياب ڪرائي مسئلا حل ڪيا وڃن: مظاهرين

ٽنڊو جام (ت ر) جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران سنڌو درياهه تي ڊيمن جي تعمير سنڌ جي زمينن تي قبضي پيداواري ذريعن جي ڦرلٽ ۽ معصوم نياڻين پريا ڪماري، اجالا پروين فضيلا سرڪي جي اغوا ۽ افغانين سميت پرڏيهين جي سنڌ تي يلغار خلاف ٽنڊوجام ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5



اسلام آباد: هڪ ٽينڪر ذريعي روڊ تي ڇٽڪار ڪئي پئي وڃي

گمبٽ لڳ گهريلو تڪرار تان نافرمان پٽن پيءُ کي تيز ڌار اوزار سان قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ جوابدار وحيد، اياز ۽ نثار سولنگي پيءُ واحد بخش کي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

واقعي جي هر پهلو کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ حقيقتون سامهون اچڻ بعد وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: پوليس

گمبٽ (رپورٽ: مريد ڪانوري) گمبٽ لڳ هنگورجا ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ نهال خان سولنگي ۾ هڪ انتهائي افسوسناڪ ۽ دل ڏاريندڙ واقعو پيش آيو جتي مبينا طور ٽن پٽن پنهنجي سڳي پيءُ رٽائرڊ فوجي واحد بخش عرف صديق سولنگي کي تيز ڌار اوزار سان بيدردي سان قتل ڪري

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ جساف پاران ڪراچي ۾ شاگردن تي حملن خلاف احتجاجي ريلي

ڪارڪنن عبدالحنان عباسي، عبدالمجيد ميربحر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ جي عوام جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ کي تيز ڪيو ويندو

ميرپورماٿيلو (ن ع) جساف شهيد بشير خان جي مرڪزي سڏ تي سنڌ جي تعليمي ادارن اندر وڌندڙ سنڌي نياڻين سان حراسمينٽ جي واقعن ڪراچي جي تعليمي ادارن ۾ سنڌي شاگردن تي جماعت اسلامي جي ڪارڪنن پاران مبينه حملن تعليمي ادارن ۾ فورس جي موجودگي، گهوٽڪي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو: جساف پاران ڪراچي ۾ شاگردن تي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ بي آءِ ايس پي جي آيل قسط مان ڪٽوتي، 2 ڄڻا گرفتار

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار ۾ بي آءِ ايس پي جي قسط اچڻ بعد ايجنٽن ۽ ڪٽوتي ڪندڙن خلاف ڪارروايون شروع ٿيڻ تي ڊوائيز هولڊر قسط جي ورهاست رات ڀيٽ

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم ۾ ڳوٺاڻن جو بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) يوسي سعيد خان لنڊ جي ڳوٺ علي غلام ملاح معصوم ٻارن عورتن ۽ ڳوٺاڻن سميت آبادگار جي هڪ شخص پيرل شاهه ولد بشير شاهه جي ظلمن خلاف پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم اڳيان ڌانهيندي چيو ته پيرل شاهه اسان جي برادري جي هڪ مسئلي جي حل لاءِ سيد

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.